
کلام بلبل



رئیس شمس‌الدین "بلبل" مرحوم

# ڪلام بلبل

(مرحوم رئيس شمس الدّين 'بلبل' جو ڪلام)

مرتب

غلام محمد "گرامي"

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو - حيدرآباد سنڌ

پاڪستان

١٩٨٢ع

| | | |
|---|---|---|
| چاپو پهريون | ١٩٦٩ع | تعداد ١٠٠٠ |
| چاپو ٻيون | ١٩٨٢ع | تعداد ٢٠٠٠ |

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

[redacted]

[redacted]

Rs [redacted]-00

**ملڻ جو هنڌ:**

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
سنڌ يونيورسٽي، نيو ڪئمپس، ڄامشورو.

**ٽپال جي ايڊريس:**

جي. پي. او. پوسٽ باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ.

---

هيءُ ڪتاب، سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ ۾ مئنيجر ميان الله بچائي يوسف زئي ڇپيو، ۽ مسٽر غلام رباني آگري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# فهرست


ناشر طرفان ہر اکر — ڈاکٽر سيّد اسدالله شاه حسيني

ہہ لفظ — غلام محمّد 'گرامي' ۱–۲

ديباچو — مرحوم رئيس ضياءُالدين . ايس. بلبل ۳–۱۵

مقدمو — غلام محمّد 'گرامي' ۱٦–۳٦

تقريظ — مرحوم حافظ عبدالله "بسمل" ٺٽوي ۳۷–۴۱


## متن


پهرين ڪريما (تضمين بر غزل حافظ عليہ الرحمت) ۴۵–۴٦

نيچرل ڪريما ۴٦–۵۲

رحيما: تمهيد، در نعت حضرت نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم — در بيان صرف اوقات — در بيان سخاوت — در بيان بخل — در بيان تواضع — در بيان تڪبر — در بيان علم — در بيان جهل — در بيان عدل — در بيان ظلم — در بيان قناعت — در بيان حرص — در بيان طاعت — در بيان پرهيزگاري — در بيان عصيان — در بيان شيطان — در بيان مستي ۽ شراب — در بيان وفا — در بيان شڪر — در بيان صبر — در بيان راستي — در بيان دروغ — در بيان گردشِ افلاڪ — در بيان تڪيہ ڪلام — در بيان اهلِ جهان — در بيان دلبستگي دوران — خاتم ڪتاب ۵۵–۹۹


## متفرقات


حمد و مناجات: توحيد — حمد — جلوهٔ قدرت — ذات الاهي — تون آن — حمد — ياد الله ڪر ۱۰۲–۱۰۹

# ناشر طرفان ٻه اکر

مرحوم شمس‌الدين 'بلبل' جي ڪلام جو ٻيو مجموعو "ڪلام بلبل" پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو. هن مجموعي تي مولانا غلام محمد 'گرامي' کان علاوه مرحوم ضياءُالدين 'بلبل' ۽ مرحوم حافظ عبدالله 'بسمل'، 'بلبل' متعلق ڪافي معلومات افزا مواد پيش ڪيو آهي.

"ڪلام بلبل" ۾ 'بلبل' جي لعتيه ڪلام کان سواءِ اهو ڪلام به آندو ويو آهي، جنهن ۾ هن پنهنجي مخصوص مزاحيه ۽ طنزيه انداز ۾ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ پيدا ٿيل عيبن جي نشاندهي ڪئي آهي. سندس ظرافت ۽ شوخيءَ جو مقصد فقط تفريح طبع يا اجائي ٺٺولي ڪونه هئي، بلڪ قوم جي معاشي ۽ معاشرتي زندگيءَ کي بهترين روش تي هلائڻ جي هڪ سهڻي ڪوشش آهي.

جيئن اڳي عرض ڪري چڪا آهيون ته 'بلبل' پنهنجي فن جو امام آهي ۽ سندس پايي جو انهيءَ مخصوص فن ۾ اڃا ڪو شاعر پيدا ڪونه ٿيو آهي. افسوس آهي جو سندس گهڻو ڪلام هٿ نه اچي سگهيو آهي؛ جيڪي ڪجهه ملي سگهيو آهي، اهو بهرحال 'بلبل' جي فن ۽ فڪر کي سمجهڻ لاءِ ڪافي آهي. "ڪلام بلبل" اسان جي پڙهندڙن لاءِ هڪ نئون ليابو پيش ڪري ٿو ۽ اميد ته ان جو مطالعو مفيد ثابت ٿيندو.

حيدرآباد، سنڌ
٢٣- جولاءِ ١٩٦٩ع

(ڊاڪٽر اسدالله شاه حسيني)
اعزازي سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

## شڪريو

مرتب، ڊاڪٽر سيد اسدالله شاهه "بيخود" حسيني، اعزازي سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ جو شڪرگذار آهي، جنهن جي علمي مشورن هن تاليف کي فني ۽ علمي معيار تي پهچايو آهي. — غ. م. گ.

جي بزرگن ۽ بابرڪت هستين جي چولبڪري، الهن جي مدح ڪئي آهي، ۽ الهن جي علمي خدمت، ۽ ڪمال فضيلت ڪان قوم کي آگاهه ڪري، سندس دل ۾ عزت ۽ محبت جو بي پناهه جذبو پيدا ڪيو آهي. ان طرح سان ڪارلائل جي "هيرو ورشپ" جو بنياد سنڌي ادب ۾ 'بلبل' مرحوم ئي وڌو آهي، جو افسوس جو اڄڪلهه نه رهيو آهي.

اهو به عرض آهي ته ڪنهن ٻئي جي تعريف ڪرڻ وڏو فن آهي، انسان جي ڪمزوري هميشه خامين ۽ غلطين کي ڳولڻ لاءِ آماده رهندي آئي آهي، ۽ نڪته چيني ڪرڻ آسان ڪم آهي، پر عيبن کي ڇڏي، هنر ۽ خوبيءَ جي ساراهه ڪرڻ لاءِ دل جي وسعت ۽ دماغ جي طراوت گهرجي. ان طرح مدح ۽ لنئي خوشامد ۾ به فرق آهي. 'بلبل' ڪنهن جي به اجائي خوشامد نه ڪئي آهي. اڪو مالي منفعت لاءِ قصيدا لکيا اٿس. 'بلبل' جي فن جي افاديت جو اعتراف، هڪ طرف سندس همعصر عالمن ۽ فاضلن ڪيو آهي ته ٻئي طرف شاعرن ۽ اديبن پڻ تسليم ڪئي آهي، ان طرح سندس سوانح نگارن پڻ مفصل طرح سان تبصرا ۽ جائزا پيش ڪيا آهن، جي مطالع جي قابل آهن.

سنڌ جي مشهور عالم ۽ بزرگ خاندان جي هڪ رڪن، مخدوم ميان محمد نور صاحب پاٽائي (مرحوم)، قاضي نورالدين صديقيءَ ميمبر سنڌ سروس ڪميشن جي والد، مرحوم 'بلبل' جي ڪلام ۽ فن تي، هڪ مفصل جائزو، آفتاب ٢٥ اپريل ١٩٠٨ع ۾ شايع ڪرايو هو. ان جو هڪ مختصر اقتباس پيش ڪجي ٿو. فرمائي ٿو:

"جيئن ٽاليري فيلسوف جانسن، اسڪاٽ، ۽ ٻين يورپ جي مشهور شخصيتن پنهنجن ناولن ۾ فلسفي ۽ حڪمت کي جاءِ ڏيئي، پنهنجي قوم ۾، جا فيشن جي دلداده ٿي چڪي هئي، هڪ وڏو انقلاب ۽ سڌارو آندو، تيئن 'بلبل' جي ظرافتي مقالن، تصنيفن ۽ مزاحيه شعرن، جيڪو اخلاقي اثر پيدا ڪيو،

’وري ظرافت جي چاشني چکجي، تہ اهڙي لذت ٿي ونجي جو گويا شيخ کباب کي بلا حجاب هضم ڪيو ويو......!
ظرافت جي لياقت، ’بلبل‘ جي فطرت ۾ بلڪل ڪثرت سان ٿي ڏسجي. فقري فقري ۾ اهڙو رنگ رچايو اٿس ۽ جملي جملي ۾ انهيءَ ڍنگ جو مچ مچايو اٿس. خليل صاحب جو هي قول بلڪل صحيح آهي تہ ”’بلبل‘ کان پوءِ اهڙي ظرافت ڪنهن کي نصيب نہ ٿي...“ باقي رهيو فن صحافت، ان جي حڪايت بہ ڪهڙي ڪجي! پنهنجي وقت جي اخبار نويسن ۾ ’بلبل‘ پنهنجي نوع جو پاڻ مالڪ هو. حضرت خليل جيڪي مثال ڏنا آهن، انهن ۾ هن بيمثال اخبارنويس جو شان بلڪل بلند ۽ بالا آهي. رب تعاليٰ ان کي اها وڏي ذات ڏني هئي، جنهن جي ڪهڙي بات ڪجي...“ (بلبل سنڌ ص... مؤلف ڊاڪٽر خليل ص: ه، و، ز).

مرحوم ’بلبل‘ لاءِ ’مخلص‘ مرحوم فرمائي ٿو:

”’بلبل‘ مرحوم سنڌ جي مسلمانن ۾ پهريون اخبارنويس هو، ۽ پهريون شخص هو، جنهن ظرافت جي ميدان ۾ شاعري ڪئي، ۽ اهوئي هڪ هو، جنهن پهريان پهريان صحيح معنيٰ ۾ ايڊيٽري ڪري ڏيکاري ۽ موجوده سليس، پُر اثر ۽ رنگين مضمون نويسيءَ جو سڪو جمايو.“

(ڪشڪول رسالو، از مخلص مرحوم)

سنڌ جي مشهور عالم دين، محقق ۽ مورخ، مولانا دين محمد صاحب، ’وفائي‘ مرحوم لکيو آهي:

’بلبل‘ جي لکڻي، ظرافت آميز ۽ پرمذاق هوندي هئي جنهنڪري، هرهڪ ماڻهو، سندس مضمونن کي ڏاڍي شوق ۽ لطف سان پڙهندو هو.

جناب ڊاڪٽر محمدابراهيم صاحب 'خليل' هڪ نظم ۾ چيو آهي!

ڪنهن کي 'بلبل' جي نه هٿ آئي ڪڏهن طرز مذاق،
ان جي شعرن جو تتبع ڪيو توڙي آفاق،
ملڪ و ملت کي ڏسي، اهڙي ته هن راهِ وفاق،
جو پيچي دور ٿيا، قوم کان خود بغض و شقاق.
سنڌ اهڙو نه ڪيو، هو ڪو سخنور پيدا،
نه بلاغت ۽ فصاحت ۾ به همسر پيدا.
دلفريبيءَ جو ظرافت ۾ رکي ٿو سامان،
جنهن جي تنقيد تي نقاد ٿئي ٿو حيران،
دلڪشي نثر جي چڻ آهي، نڙيل ڪو بستان،
نظم جي آب تان پڻ گوهرِ رخشان قربان.
شعر جي هرسخنِ صف ۾ ماهر بلبل.
فارسيءَ جو هو، ته سنڌيءَ جو به شاعر بلبل.

مرحوم جمعوخان 'غريب'، مرحوم 'بلبل' جي وفات واري قطع تاريخ ۾ فرمايو آهي:

هو همداستان ۾، فصاحت جو فائض،
بلاغت جو عنوان، مرحوم بلبل ه
هوائي ادب ۾ هو پرواز ان جو،
هو شاهين، باشان، مرحوم بلبل.
هو علمِ معاني جو استاد ڪامل،
هو سعدي ۽ سحبان، مرحوم بلبل.
هو فيلسوفِ زمانه ۽ شاعر،
اديب، همه دان، مرحوم بلبل.
"هو مغفور" ۽ باسر، دل وري چئو،
١٣٣٧ھ ٤
حق! اعليٰ تر السان، مرحوم بلبل.
سرِ دل ويو! عيسوي سال تي ويو!
"هو جنت ۾ ذيشان"! مرحوم بلبل.
١٣٣٧ھ ١٩١٩ع

امید تہ سنڌ جا اهل ذوق حضرات، "ڪلام بلبل" جي مطالعہ وقت، اڻويهين صديءَ جي تاريخي پس منظر ۽ ان دؤر جي حالات کي اڳيان رکي، غور ڪندا ۽ ڏسندا تہ ان دؤر ۾ پيش ڪيل خيالات هن اسان جي دؤر سان ڪيتري قدر نهڪي ٿهڪي ٿا بيهن.

آخر ۾، جناب گرامي صاحب جو پڻ شڪريو ٿو ادا ڪريان جنهن جي وسيع مطالعي ۽ ڪاوش 'بلبل' جي فن ۽ ڪلام کي نئين زندگي بخشي آهي.

ان سلسلي ۾ گرامي صاحب هيٺيان ڪتاب پڻ ايڊٽ ڪيا آهن، جي سڀ مطالع جي قابل آهن. جيئن 'تيرهن چار مڪرن جا مارُ'، 'بهار عشق'، 'مسلمان ۽ تعليم'، 'چٽ سوال پٽ جواب'، 'آئينہ تجارت'، 'ميلو قلندر لال شهباز'، 'معيارالاديان'، رسالہ ترخم يتيمان'، 'لطائف ظرائف'، 'گلزار لطائف' ۽ 'اوائلي تعليم' وغيره. اميد تہ باقي ڪتاب جيئن هٿ ايندا ويندا، تيئن تيار ٿيندا ويندا.

'مسلمان ۽ تعليم' تي گرامي صاحب جو لکيل مقدمو، هڪ تاريخي چيز آهي، جنهن جي پس منظر ۾ ان دؤر جي مسلمانن جا تعليمي مسئلا ۽ مطالبا سمجهي سگهجن ٿا. باقي سڀ ظرافت آميز ۽ مزاحيہ نثر جا اصلاحي شاهڪار آهن ۽ معيارالاديان ۽ اوائلي تعليم، خالص ديني آهن.

والسلام، ٢٠- فيبروري ١٩٦٥ع

پنهنجا عيب سيڪو ڏسي تـو سگهي:
ڏسي، نہ تہ هـي اعمالنامـو اڙهي.
هي ڪـِل مسخريءَ ۾ نہ آئيو شمار،
مگر هي ڏسي ٿيـو ڪهڙو شرمسار!
چوڻ جو چوڻ، ڪـِل" جي ڪـِل" آهہ،
ذهن ۽ ذڪاءُ لئہ وڏي ذل" آهہ!
رڳـي ڪـِل چائي، سو آ ڪم ـ فـهـم،
هـِـي حال، ٿئي غور واري کي غم!
ڪڍيم ساري دنـيـا جو نقشو شفاف،
تہ اخـلاق فاسد جـو فـوٽـوگـراف!

سنڌيدان جو نقشو، هن طرح چِٽيو اٿس:

سنڌيـدان جاهـل، سيہ رو ۽ سخت،
نحس، نـااهـل، نـاخـرد، خفته بخت،
سنـڌيـدان آڏِيـٺ، سنـڌيـدان فـُول،
رڳا جـانـور جهـنـگلي ۽ جُهـول!
سنڌيـدان جـي ڪهڙي آ دسـتـرس،
سنڌيدان جـو سـان، گـوديـم، بـس!
سـنـڌيـدان بـي دانـش و بـي عـقـل،
الهن سان صحبت نہ گهرجي اصـل!
سنڌيدان جو وَرڪ، ويـري خـراب،
ويچاري ڪـي آفيس ۾ پـي نہ آب.
سـنـڌيـدان ڪـي ڪين ملندو گـريـڊ،
سنڌي دِل" ۽ وِيڪ، بيڪار، بـڊ!
سـنـڌيـدان جـو لـيـسـٽ ۾ لاسٽ ٿـي،
سنڌيدان ڪي هڻ بـنـدوقـون پـري!

سنڌيدان جي مقابلي ۾، انگريزيدانن جي هيءَ حالت آهي:

جي پائين تہ مولا تشي مهربان،
تہ سِک علم تون انگريزي زبان.
الهيءَ علم پاڄهون، هُجي جاهلي،
شقاوت، لحوست تہ پي کاهلي!
پي سنڌي ۽ عربي، اڙهيئي پارسي،
تہ سڌبهن وڏو سُست ۽ آرسي.
نُکر لاءِ محتاج، بي روزگار،
هُجين حاکمن وٽ وڏو بي وقار!
پٽيوال پي کين توکي ڀُڄن،
کلارک تہ جاهل ۽ احمق سڏن!
جي عزت جهانُ ۾ رکو، تنبد ٿيش،
پڙهو انگلش، انگلش، انگلش!
بنائي اهو علم، حاکم حريف،
رسائي اهو علم لنبڊن شريف.

جديد تهذيب لاءِ چوي ٿو:

لباس، لفيسن جي تي لينبد تانءِ،
مکانن جي زينت سندي زيٽ زانءِ.
ڪَلابند، کالر، لڪڙ، هاف کوٽ،
گهڙي، کوٽ، پتلون، چشما، چُروٽ!
قميصون کفندار، جاکٽ، جُراب،
سليپر، سَپالا، مبائڻ ڏواب!
ڏنکي سينڊ، لنيڊزا چِتا، مُڇ دراز،
ٽوال ۽ ڪنگي، برش، صابڻ جو ساز!
صفا مُن، تہ ڏاڙهي، چپڙچٽ، قلم،
زبان تي بہ گيٽ ميٽ رهي دمبدم!

ڪاري ۾ هجي ليڪٽائي سياهه،
ته پرشن يا ترڪش، ڪرسچن ڪلاهه!
سچو ڏينهن سيڻتي، صبح شام واڪ،
هجي هٿ ۾ هنٽر، ته ٽم ٽم ٽواڪا!
رکڻ هڪڙو بل ڊاگ آهي ضرور،
نه تان ٿيندو وڏ ماڻهپي ۾ قصور!
مقرر هجي چاهه بسڪٽ جو ليڙ،
ته جاين جو سينگار، پڪچر، فريم!
نصارن جو ڪاڄ، نصارا لباس،
ڪبٽ، ميز، ڪرسي، بتي ۽ گلاس!
اهين طرز پوشاڪ جو ڊيل ڊول،
پرائي ڪيائين ته ٿيو ڊيم فول!

اخلاق ۽ مذهب مان پيدا ٿيل اطوار، صبر ۽ شڪر، زهد ۽ تقويٰ لاءِ چوي ٿو:

هي سڀئي نمونا، ڪٿان تو وڌا،
جو چارئي نڪولنڪ، بلا تي بلا.
وفا، شڪر ۽ صبر ۽ راستي،
جفا، قهر ۽ زهر جان ڪا سستي!
اهي غير جنسون نه قابل شنيد،
اسان وٽ نه ڪي ديدهٔ دهر ديد!

ڪوڙ جي تعريف ۾ چوي ٿو:
آها هاها! لالي مٺو لامور،
اسان جو تم لارڊ، اسان جو ته سر!
اسان جو ته ديوان صاحب دروغ،
لياقت، فضيلت جو آهي فروغ!

يا : لائي چشمو، چُست چاڙهي، سوٽ، بوٽ،
مثل صاحبلوڪ، صورت تو ڪهُران!

ڪاري جنٽلمين جي ان حماقت ۽ تمنا تي گوري جو جواب پڙهو:

گرچه آهي، تنهنجو، مون ڪان سينو صاف،
ڪاري ماڻهوءَ سان، ڪدورت تو ڪهران!
آ لقب لائق تيو تنهنجو، ڊير فول!
سان ڏيڻ توکي نه عزت تو ڪهران!

زميندارن جا بڇڙا حال، ڪلهه به هئا ۽ اڄ به آهن. 'بلبل' ان جي ترجماني ڪندي خوب چيو آهي:

زميندار تي ويا، زيون زار چٽ،
چون جٽ ته کهڙو ٿيو آهه وَخت!

ڪشت ۾ جيڪي 'پوڄن' ڪشتي آفيسر تا ڪن، تن جو نقشو 'بلبل' هن طرح چٽيو آهي.

ڪشتي ڪاموري لاءِ فرمائي ٿو:

آهه ڪاموري سندي، هوڙ حرامن ۾ ٽيڪي،
انب، گدرا، مدري، ٻڪرو ڪو موٽو مدري!
خوب تا ڪشت ۾ ڪن، پوڄن، پرساد وٺي،
پوري حلوو، مه‌دي، پستو ۽ ڦوٽو مددي.
گهر ۾ آهي نه رعيت جي ڪو ٻائي پيسو،
لٽ، لوٽو مددي، پستو ۽ ڦوٽو مددي!

"ڪارن جي ڪارگذاري"، تي 'بلبل' جي هڪ بي مثل ۽ سريلي نظم آهي، جا به فني طرح سان لاجواب آهي:

ڪارن جي ٻُڌ ڪارگذاري، هيپ هيپ هري، هيپ هيپ هري،
جنٽلمينني جلسا جاري، هيپ هيپ هري، هيپ هيپ هري!
جايون تن جون هال ۽ ٽاور، چشما، فرش، فروٽ، فلاور،
لڪچر، پڪچر، دلرداري، هيپ هيپ هري، هيپ هيپ هري!

بهرحال اڄ ڪان مٿني صدي ڪن اڳ جي مشهور شاعر ۽ اهل قلم جي شعر و شاعريءَ جي انتخاب تي مشتمل، مجموعہ ”ڪلام بلبل“ هڪ تاريخي شاهڪار ثابت ٿيندو ۽ اهل نظر ان کي هڪ علمي اضافو تصوّر ڪندا.

هي انتخاب، مرحوم ’بلبل‘ جي اصل ڪلام جي ڏهين حصي بہ ناهي. ”بهارستان بلبل“ جنهن ۾ فارسي ڪلام آهي، اهو نهايت ضخيم آهي. اصولي طور ٻہ-چار چيزون ڏلل آهن.

ان طرح ’بلبل‘ جو سنڌي ڪلام اڃا بہ گهڻو آهي، ان مان ڪجھ سارو حصو ناياب آهي، ۽ باقي ڪرم خورده ورقن جي نذر ٿي چڪو آهي. اميد تہ هي انتخاب غنيمت ڄاتو ويندو. آخر ۾ ايترو ضرور چولدس تہ، اهي شاعر خوش بخت آهن، جن جو ڪلام سندن زندگيءَ ۾ شايع ٿئي ٿو ۽ پوءِ زماني گذرڻ تي دوباره جمع و ترتيب جا مرحلا طئي ڪري ڇپجي ٿو. انهن مان ’بلبل‘ بہ هڪ آهي.

غلام محمد گرامي
ايڊيٽر سہ ماهي ’مهراڻ‘ سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ.

توڻ پيشاب پنهنجي کي هلندي ۾ هار،
ڪ جنت ٻـوڏ جائي پـرهـيـزگار.
اِئين چوڻ توڻ شوقِ دل سان شراب،
مڪن خـانـۂ زنـدگـانـي، خـراب.

مغرب زده مسلمانن بابت فرمائي ٿو:

مـا مسقيما ڪوئي دلـداريـم،
صورتِ بوزنہ بـہ رفتاريـم.
اڄ ٽيون ڏينهن ٿيو جوالڪلش ڪان،
اوفتاده جدا، ز گـلـزاريـم.
هاءِ هاءِ، اي ميسِ ولايت پاڪ،
اي ز بہـرتو، عالم نمناڪ.

’ڪريما نيچرل‘ ۽ ’مامقيما نيچرل‘ ٻئي ان ناصحاڻہ ۽ ظريفاڻہ رنگ سان ڀريل آهن. ان جو مطالعو ڪبو تہ پوءِ ’بلبل‘ مرحوم جي خداداد قابليت ۽ شاعراڻہ قوت جو پورو پورو ثبوت ملي سگهندو ۽ واضح ٿيندو تہ هن طرز ۾ سنڌ جا سڀئي ظريف شاعر، ويندي، مرحوم ’مخلص‘ تائين مرحوم ’بلبل‘ جا متبع ۽ خوشہ چين آهن.

تضمين: هن فن ۾ ’بلبل‘ مرحوم پنهنجو مَٽُ پاڻ آهي. ٻيو ڪو بہ سائس همدوش ٿي نٿو سگهي. مثلاً:

وجي هڪ شاپ تي ويهي، برالديءَ کي ڪيون هاهاءِ،
الايا ايـهـا الساقـي، ادر ڪاسـا و ناولـهـا.
آهـن ڪوڙا رڳا قـاضـي، وتـن ڏا برهمن ٻتليا،
ڪجا دانـنـد حـالِ مـا، سبڪساران ساحـلـهـا.
وجهي وارن ۾ والـڪوڙا هلي ٿي، مس جڏهن ’بلبل‘،
ز تاب جعدِ مشڪينش، چہ خون افتاد، در دلها.

... ... ...

چمچا، ڪانٽا، ڪٽ ڪٽ، ڪڙ ڪڙ، چيمبڙ ۾ چيٽرس جي ٽڙ ٽڙ،
شاش ڪرڻ ۾ بيٺڙ شڙشڙ- تاڪ ڏلا، ڏن تاڪ ڏلنا!

هيءَ ٻوئين مصرع اهڙي روان ۽ فصيح آهي، جنهن تان ڪيترن مزاحيه شاعرن جو ڪلام گهوري ڇڏجي:

الصاف شيوه ايست ڪه بالائي طاعت است!

ظرافتي لٽرلوسيءَ جي ايجاد ۾ سنڌ ۾ پهريائين 'بلبل' مرحوم ڪئي، ۽ ان ۾ سندس خاص قابليت هيءَ آهي، جو مخاطب ڪڏهن به پاڻ ڏي محسوس نه ڪندو، بلڪ ڪيلي ڏيندو ۽ سمجهندو ته مخاطب ڪو ٻيو آهي. والسلام

حافظ عبدالله "بسمل" ٽنڪڙائي

# متن

# پليگي ڪريما

(مطبوع ۱۹۰۵ع)

تضمين، بر غزل حافظ عليه الرحمة

ميسانِ خود فريب آخر، فرستادند اين بلها،
طلب ڪرند چندان زر، ڪه خون افتاد، در دلها،
نشاطِ طبع برهم شد، شکست آن رنگ محفلها،
”الا يا ايها الساقي أدر ڪاساً و ناولها،
ڪه عشق آسان نمود اول، ولي افتاد مشڪلها.“

هوئي هين علمِ دنيا، نورِ ايمان، قلب سي زائل،
ادهر ڪالج ڪا بيڙا پار ڪرني پر هي دل مائل،
ادهر هي نوڪري دشوار، چڪر ميں هي هر سائل،
”شبِ تاريک و بيمِ موج، گرداب چنين حائل،
ڪجا دانند حال ما سبڪسارانِ ساحلها.“

نه قيدِ شرع باقي آ، نه آزاديءَ جي ڪجهه آ حد،
نه ڪر ڪا گفتگو هن بابَ ۾، چا نيڪ يا چا بد،
بزرگن جي به فتوي آ تہ، پڙهه قانونِ سر سيد،
”به مي سجاده رنگين ڪن، گرت پيرِ مغان گويد،
ڪه سالک بي خبر نه بود، ز راه و رسم منزلها.“

ڪتي آ پيش بيني ۽ طبيعت پي نه آ حاضر،
وٺي ٿي روح کي ڏاڍي، بلي! بزمِ بتِ ڪافر،
نڪو آ خوف ايماني، نڪو آ دين سان خاطر،
”همه ڪارم ز خود ڪامي، به بدنامي ڪشيد آخر،
نهان ڪي ماند آن رازي ڪزو سازند محفلها.“

---

ميسان = جمع ميس: غير شادي شده عورت. بلها = جمع بل - رقم طلب قيمت.

جو هونا چاهتا هي، بدر بن جا، مام نو حافظ،
نہ کر آرام، رهہ راهِ طلب ۾ تيزرو حافظ،
وئيون آ رات ڏينهان، وات َ ۾ تون ٻيس-نو حافظ،
حضوري گر همين خواهي ازو غافل م َ شو حافظ،
متيٰ ماتلق من تهوي دع الدنيا و امهلها.

# ١٩٠٥ع

## ( ٢ )

### نمونہ ڪلام، تضمين، از پليگي ڪريما

پليگيءَ جي لانڍين کان پرور بچا،
ڪريما بہ بخشاي برحال ما.

پليگي بَلا ۾ نہ ڪر مبتلا،
ڪہ هستم اسيرِ ڪمندِ هوا.

رَنن جي نہ وٺ تون ڪڏهن ريت، راءِ،
ڪہ ناگہ رسد بر تو قهرِ خداءِ.

## نيچرل ڪريما

پيارج ڪو اڄ ٻيَر وسڪي جو پا،
ڪريما بہ بخشاي برحال ما،

وڏا مان ڪيان تو، ولايت لئي وَسَ،
نداريم غير از تو فرياد رَسَ.

متان هي اسان کي منجهائن مُلا،
نگهدار مارا ز راهِ خطا.

سکھو انگلنڊ ڏي ادا ٿي تيار،
مکن تکيه بر عمر ناپائدار.

چگو ڪوٽ، پتلون، گهڙيال ڌار،
شود خلق دنيا، ترا دوستدار.

سکيو جو نہ، گُڊ مارننگ، مي ڊيئر،
بهشتي نہ باشد، بہ حکم خبر.

ڪٿي پسترِي کي تون ڪج، ڪورڪور،
نہ باشي ز گلزار فردوس دور.

وڃي پهچ لاشڪ تون لنڊن جي حد،
ز رنج و بلا، رستگاري دهد.

ڪري چٽ خزانو، وٺي ڏي آڏار،
جهانؔ را ز بخشش، پُر آواز دار.

نہ سُهندو جي چاڻي ڪو انگلش ذري،
وگر روزگارش، کند چاڪري.

انهيءَ ڪان سواءِ، ڪين ميڙيندو مال،
بخواري چو مفلس خورد گوشمال.

سياڻو ڪندو ڪونہ ان ۾ ڪمي،
نزيبد ز مردم بجز مردمي.

يقين چاڻ توکي، اها ييسنو،
کند در بهشت برين جاي تو.

جي ٻولي ڪندين پنهنجي تون ٿون ۽ ٿان،
گرامي شوي، پيش دلها چو جان.

متان تون ٿئين، ڪنهن جي مذهب ۾ بند،
غريب آيد اين معنيٰ، از هوشمند.

اکين چال، پنهنجي ڪڏهن ڪيم ڪر،
کہ روزي ز دستش براي بسر.

نہ کر نوکري ۽ نہ پوکج ٻني،
خطا مي کني و خطا مي کني!

ولايت وڃڻ آهي، سڌڙين تي فرض،
دگر واجب از پيش قطع تو ارض.

سوا انگريزي هجي جاهلي،
کہ بي علم بودن بود غافلي.

جي پائنين تہ صاحب سڏي کن سلام،
کہ کار تو از علم، گيرد نظام.

ملن واعظن ڏي وڃڻ کيم وار،
مکن صحبتِ جاهلان اختيار.

هي رسمون انهن جون، رکو چاڻ رد،
و زوکس نہ شنود، جز افعال بد.

نمازون نہ پڙهہ، ساڻ مخرج ۽ مَدَ،
کز و نامِ عقبيٰ و دنيا بَرَد.

نہ ڏي کَن، کهين کي کري کو فرياد،
چرا بر نياري، سرانجام داد.

عدالت مان تنهن کي، امالک آثار،
دل اهل انصاف را شاد دار.

ڏيارينس پو، موچڙن جي کا مار،
مرادِ دلِ دادخواهان برار.

'سنڌيءَ' جي پڙهڻ مان، وڃي سڀ کلان،
چو بستان خورم ز بادِ خزان.

'سنڌي' ماڻهو کنهن جي نہ لهہ تون سنڀال،
کہ خورشيد ملکت نيابد زوال.

ڏني شاهدي، جنهن مٿي سچ زبان،
برآورد از اهلِ عالم فغان.

ڏکوئج نہ تون ڍوهہ وارن جي دل،
زنـد سـوز او شعلہ در آب و گـيل.

ڇڏي ڏي رجوع ڪيل بدڪار چور،
بيـنـديـش آخـر ز تـنـگـيء گـور.

ڪئي جنهن بغل ۾ پري چـَم پري،
در اقـلـيـم راحـت کـنـد سـروری.

براڊيء جي بوتل ڪي ڪيسي ۾ ڊال،
کـہ پيش خردمند، هيچ است مال.

اڏائـي خـزانـو، پـيـارج شـراب،
کـہ سلطان نہ خواهد خراج از خراب.

ڇيڙ چٽ، پنگڙ پينگ تي تون ميان،
اگـر داری از نيک بختي نـشـان.

نـہ پـيـو علم تيو انگلش جـي مثال،
کـہ هـم نرخ گوهر نـہ باشد سفال.

'سنڌيء' جي پڙهڻ مان نہ ميڙيندين زر،
چرا مي کشی بـار محـنـت چـو خـر.

جنهين کي هجي، مغز ۾ خيال خـام،
بـود مـيـل طاعت، بہ خاطـر مدام.

ملان هي جـي سوکيا، وسوڙها وتن،
کـہ دولت بـہ طاعت، توان يافتن.

مـگـر قـاعـدو، ڪـرمنـل بيـگـمان،
کـشايـد، درِ دولـتِ جـاودان.

غـلـط آهـہ سمجهو، جنهين بيخبر،
کـہ بـالای طاعت نـہ بـاشـد هـنـر.

اٿي خوب تـون خـلـق ساري آزار،
کـہ فـردا ز آتـش شـوي رستگار.

سکي کر قلم ياد قانون وار،
کہ حاصل کني، دولت پائدار.

وکالت جو ڏئي اچ، سگھو امتحان،
کہ روشن ز خورشيد باشد جهان.

وني پوءِ کوڙا مقدما پہ-چار،
در اقليم دولت شوي شهريار.

تون پيشاب پنهنجي کي هلندي ۾ هار،
کہ جنت بود جاءِ پرهيزگار.

جو پٽر پکچرن سان هجي، تنهنجو هوز،(۱)
کہ چون نيک بختان شوی نيک روز.

کري جو گيلا پيو گهٽي، ساڻ گار،
نہ ترسد ز آسيبِ روزِ شمار.

ڏيو مہ جبينن کان جيکو جدا،
کجا باز گردد، بہ راهِ خدا.

کري وٽ ادا خوب، بوس و کنار،
کہ فردا نہ باشی، ز حق شرمسار.

ڪري دل وچي ساڻ، ڍولک ۽ ساز،
کہ از آب باشد شکر را گداز.

حلال ۽ حرامن جو کر نا حجاب،
کہ پنهان شود نورِ مهر از سحاب.

نہ پيرن فقيرن جي کر پيروي،
کہ ناگہ گرفتار، دوزخ شوي.

جي وٺندين، تون تن جي مسئلي جي مت،
بود اسفل السافلين منزلت.

---

(۱) هوز، هائوس = گهر۔

پيئين چو نہ تون شوقِ دل سان شراب،
مسڪن خانہ زندگاني خراب.

ٿي ڪوڙن بدوڙن ۾ ثابت قدم،
ڪہ بي سڪہ رائج نہ باشد درم.

خوشامد، برآمد جي ڪولج زبان،
شوي دوست اندر دلِ دشمنان.

تون ڏي جان، سِرُ، مالُ، عزّت ۽ دل،
ڪہ در روي جانان نہ باشي خجل.

جهلّي خوب پادر، نہ ٿي تون خفا،
ڪہ از دوستان مي نيرزد جفا.

تون مُنهن موچڙن کان نہ موڙين متان،
مياموز ڪردار، زشت از زنان.

آڻي سان ٻہ-ٿي پيڪ، دارون آڏار،
ڪہ واجب بود، شڪرِ پروردگار.

نہ ڏي ڪنهن ڪي مانيءَ مان پنهنجي ٽُڪرَ،
ترا فتح از در، در آيد ز شڪر.

سمجھ پهر سچ، پير ڪعبي سنوان،
نہ پيچند زين روي دين پروران.

پٽري ديگ چاڙهج، وَڏي ساڻ پتَ،
ڪہ از عالمانؐ، حل شود مشڪلت.

پٽو پول، آخر جو دل تان وسار،
شود، دولتت همدم و بختيار.

خبردار! "سنڌي" نہ پرمان وهار،
ز تاريڪي جهل، گيري ڪنار.

هلي جو امانت مان سَوَلو سوار،
کجا روز محشر، شود رستگار.

کري پنڪو، پهراڻ، بوچڻ جي ڏار،
که اورا نيارد کسي در شمار.

کهڻن رسم، پوشاڪ جي کيم کر،
ازو گم شود، نام نيکو پسر.

جو هي چاڻندو سچ، ته ٿئي گنهگار،
ز 'بلبل'، همين يک سخن ياد دار.

---

رحيما

# رحيما

رحيما، حليما، قديما، قدير،
کري عرض تو اڄ نماڻو حقير.
جو آهيان گناهن ۾ ورتل غريق،
رفاقت ۾ شيطانَ جي هم طريق.
نڪا ڪا پُڄي ٿي سندئي بندگي،
گناهن ڪان آهي ٿي، شرمندگي.
نہ آمُرونهيي تي ڪيو مون ڌيان،
اجائي وئي عمر ساري زيان.
نہ مون ڪئي عبادت، نہ روزو نماز،
خورد خواب غفلت، هوا حرص و آز.
وئي سڀ حياتي، حرام ۽ وبال،
نڪو موت و محشر جو خوف ۽ خيال.
هي دنيا جا ڌندا، جئي پروري،
انهن ۾ امان جي بنُدي وئي ڳري.
ٻڍاڪون سڻاڪون، ڳلائون بچار،
۽ مايا جي الفت، مصيبت جي مار.
حلال ۽ حرامن جو کهڙو پُڇڻ،
پرڻ پيٽ لئي آھ جهوري جهڄڻ.
ڏسون ويڻا، ماني سگهي شل اچي،
پکي آ الائي، ٿي هاڻي پچي!
خدا شل ڪري، ڪو هجي ٻوڙ جوڙ،
هٿون زنب دهرا، ڪڍون خوب ٿوڙ.
ڏري ماري ٿا پيٽ پنهنجو پليون،
ڪٿي روز دانگي ٿا مُنهن تي مليون.

پري پيٽ، آڪڙجي، سيٺھ جان ساھ،
جڻ آهيون سڄي ملڪ جا بادشاھ.
نٽني نھلجي، اوگرايون ڏڪار،
پري ڦوڪ تان خواب جو ٿيو خمار.
وڇي بسترا نرم، گاڙها پلنگ،
ڪڍون باد جا پيا خدنگ و تفنگ.
سڄي رات سڪَ، کھوگھرن جو نڪاھ،
نڪا دين جي سڌ نہ دنيا سماھ.
جڏهن سج، سوا پهر ڪاني اڀي،
اڃا ننڊ تڏهين اسان جي سڄي.
اٿون پير پوتا، نڌڻڪا نڪار،
سلي آھ جڻ موچڙن واري مار.
اوٻاسيون ۽ آرس، سيئي سَنڌ سور،
اٿڻ سان پوي، پائخاني جو پور.
چڪيون چلم، يا ناس چڪڙو شراب،
گناهن فسادن ۾ خانو خراب.
نہ نالو ڏٺيءَ جو، توڪل نہ توھ،
اهي پيٽ پٽا، اها پٽ ڪوهہ.
سڄو ڏينهن هڻ-هڻ، سڄو ڏينهن تاڻ،
اهي جوڙ چٽيون، اها خاڪ ڇاڻ.
گرفتار، کهربار جي گوڙ ۾،
عيالن جي ڇيهوڙ، پيهوڙ ۾.
ڪُتن جانُ ٻَهي، يا گڏھ جانُ وَهي،
سٽيندي ڪٽيندي وڃي سڄ لَهي.
جتي پي لڳي ويو، هٿون زور جهٽ،
ويو دين دَمڙيءَ، تہ ايمان چٽ.

اسان کي نيو نفس، هن نامراد،
شر و شور، شهوت جو فسق و فساد.

آڻي سان لڳي، پيٽ پٺڪو پڙو،
وجهون وات ۾ ڪو ٽڪر يا ٽڙو.

تڏهن اک پٽيون، ڪو سجهي ڪم ڪار،
فريب ۽ دغائون، ڦريون، ڌاڙ مار.

صبح ٿيو ته شيطان جي گهنڊڻي وڳي،
ننڍي ۽ وڏي کي ڪا پٽي لڳي.

ننڍا تان هليا، راند بازي رمي،
وڏا پوک تي ويا، پيا ٿيا ڪمي.

لڳا جن کي پادر، ويا سي پڙهڻ،
سويلو سڪولن جي چاڙهي چڙهڻ.

پڙهيا سي ته چا، سب اجايا اکر،
لُچائي، لڳي، ٺاٺ، ڪوڙ ۽ مڪر.

نه عربي ادب، نا فقه، نا اصول،
نه ٿي معرفت يا حقيقت حصول.

جي منشي ته ڪڇ ۾ قلمدان ڏس،
سنڌس جعلسازيءَ ۾ جولان ڏس.

جي نوڪر ته رشوت، تغلب، تمام،
نه سَنڌو نه سيڙهو، حلال و حرام.

جفا جور ۽ ظلم و زوري، غصب،
غريبن تي ڦُرمار، غصو غضب.

مٿي ڪوڙ، ڪورٽ ۾ ڪيسن جو ڪم،
آئين آني شاهد، ڪسيري قسم.

زمين ۾ جي بي برڪتي جو حساب،
زميندار، ڪرميءَ جي نيت خراب.

كتنئي لاءِ واپار، بازار ڏس،
اتي پڻ ڪپٽ ڪوڙَ جي ڪار ڏس.

ڪمائيءَ ڪنهين ۾ نه روزي حلال،
ڪپٽ ڪوڙ، لالچ، خيانت خيال.

اهو پيٽ اهڙو پرائي ٿو پَنِ،
درم دينِ اسان جو ته ايمانِ آن.

پنائي، ٺڳائي، رُلائي پليد،
ڪيو شڪمِ شيطانِ، زر و زن-مريد.

جي زَنِ آهي قبلو ته ڪعبو ٿي زر،
انهن جي اطاعت ۾ بندجي ڪمر.

مگر زال مرشد، ته زر، غوث پير،
اهي قبله عالم، اهي دستگير.

زمين و زر و زن، اسان جي مراد،
انهن تي ٿئي جهڳڙو، انهن تي فساد.

حقيقت ۾ آهي ته زنِ راهزن،
زر و مال وَ اولاد، ايمان شڪن.

انهن کي سڏيو، خالقِ عالمين،
ته "فتنو" ڪري، يا "عدوَ مبين".

اسان جي ته آهي، انهن سان پياس،
"عدو" سان محبت رکون بي شناس.

انهن جو پيار آهي نقصان ۾،
ننگو نانگ پاليون گريبان ۾.

اسان جو نڌر نفس، پانڌي پڳو،
وهائي ڪيو جنهن آ، هوتي-ڏڳو.

سڄو ڏينهن پوڇا اٺون پيٽَ جي،
سياري، اونهاري، ڪتي، چيٽ جي،

چي ماڻهو رهن سورَ ۾، دردناڪ،
مڙئي جانور ڏي، انهيءَ ۾ هلاڪ.

ڏکيو ڏور، ڏانديو، چرندو پرند،
مٿن تي سويرو ٿو ڪڙڪي ڪمند.

مَيا مالَ هڪڙا، چڙيا جهنگ ۾،
ٻين کي هنيائون ٻڌي، تنگ ۾.

ڪنهين تي سواري، ڪي ڍوئين بار،
ڪنهين کِيهل ڪاڏي، ڪو هرڦار نار.

ڪنهين ڪوس، ڪارد، قَلَم، دام بند،
بندوقن ۽ ٻازن، ڳرزن جا گزند.

انهن تي ٻه شامت، اسان جي پئي،
پٽيندي ڪٽيندي، سڄي عمر وئي.

اهو آهي، ماڻهن ميرن جو تہ حال،
ڏسو خوب، قدرت جو ڪرتب ڪمال.

غَرض آهہ سيني کي نفسن جو نيل،
جي ماڻهن کي پيڪو تہ ڏورَن کي ويل.

حياتيءَ اسان جيءَ تي، صد حيف آهہ،
جو ڪوڙن ڪمن جو چڙهيو ڪيف آهہ.

خباثت، خساست ۾ خوڪن، خصال،
ڪُتن کان بہ ڪمتر، ميرن جي مثال.

جي صورت ۾ انسانَ آهيون بَحال،
تہ سيرت، سگ و گرگ، شير و شغال.

جنهين ڪاڻ آيا، ويا سو ڀُلي،
عجب، گوڙ گهمسان جي وا، گهُلي.

رکيو پيٽ پالڻ ۾ سپ ويا مَچي،
انهيءَ گند ۽ گار ۾ ويا ڪَچي.

جنهين کي ڏسو، سو اتي غرق آ،
ميرُن ۽ اسان ۾ نه، ڪو فرق آ.

ميرُن ۽ پَسن جان سڄو ڏينهن رات،
سمهڻ، کاڄ کائڻ سندي آهه تات.

مگر سچ، انهن کان به آهيون خراب،
جو تن تي نه آهي، حساب ۽ عذاب.

هتي پي اهي ئي ڇِڙا جي ڪِڙا،
مگر هاءِ ماڻهو! نهي هنڌ مڙا.

شريعت جو شيوو، ڏنوسون ڇڏي،
وڏوسون گناهن ۾، غفلت گڏي.

وَڏائي وِڏي، ننگ، حرص و آمل،
ڦدوليون وڏا خرچ، خواري، خلل.

لباس نفيس سندي، تنبد تانءِ،
مڪانن جي زينت، سندي زيت زانءِ.

ڪلابند، ڪالر، لڪڻ، هاف بوٽ،
گهڙي، ڪوٽ، پتلون، چشما، چروٽ.

قميصون ڪفن دار، جاڪٽ جراب،
سلنيپر، سپناتا، سپائڻ ثواب.

ڏنگي سينڌ، ننڍڙا چتا، مُڇ دراز،
ٽوال ۽ ڪنگهي، برش، صابڻ جو ساز.

صفا سِرُ ته ڏاڙهي، چپڙ چٽ، قلم،
زبان تي به گٽيٽ رهي دمبدم.

ڪلبي ۾ هجي نيڪٽائي سياهه،
ته پرشن يا ترڪش، ڪرسچن ڪلاهه.

سڄو ڏينهن سيٽي، صبح و شام واڪ،
هجي همت ۾ هنر، ته ٽم ٽم ٽڙاڪ.

رکڻ هڪڙو ٻلي-ڊاگ، آهي ضرور،
نہ، تان ٽيندو، وڏاڻهپ ۾ قصور.

مقرر هجي، چانهہ، بسڪٽ جو ٽيم،
تہ جاين جو سينگار، پڪچر فريم.

نصارن جو ڪپاڙو، نصارا لباس،
ڪٻٽ، ميز، ڪرسي، ٻتي ۽ گلاس.

نئين طرز پوشاڪ جو ڍيل ڍول،
پراڻي ڪيائين تہ ٽيو، ڊيم فول.

رلايو تہ شادين غمين جي رسوم،
ڪٽي قرض ڏوڙيو ڪجي، ڏام ڏوم.

سوين ناچ، نخرا، لکين رنگ راڳ،
پٽلا، ٻوڙ جا ڪوڙ، لنگهڻ جا لاڳ.

خوشامد تي ڪوڙيو، سمورو مٿو،
تڏهن پيو، گيلا جو نہ گانگهو لٿو.

جي ڏوڪڙ ڪمتا، سي نہ هڙ هنج ٿيا،
پلشہ گنج هڪڙن تہ پيا رنج ٿيا.

ٻها تي گناهن ڪي ٿا مٿاهہ وٺون،
جهڳو پينگ، تہ ٻہ ڪين هٿجون هٿون.

جتي شور شر، روح ريجهون اتي،
ٻڌون دهل، آرام جهڻ ٿئي سٽي.

هنيوچيءَ تي ريءَ سڏ جي هينئڙو هلي،
ٻوي ناچ جو ڏمن، تہ بابا! بلي!!

پري پنڌ، يا رات ڪاري ڪلور،
اڪين سان هلڻ جو ٿيو ات ضرور.

ملي جاءِ، ناجاءِ ٻيٺي ڪرون،
لڳي لٽ، ڪيري پڳ، ٻہ اکيي مرون.

جهمر ۽ سڄي رات پيو جهونجي،
حرام آهي جو اک ڪٿي ٻوٽجي!

ڏڪا ڏوڻ، دهلن جو سارو ثواب،
نمازن ۽ بيهڻ، نسورو عذاب.

ٻُڌوسون ڪو ٻارهو ۽ ميلو ته هاءِ،
هلون يار هت، خوب خرچيون ڪَياءِ.

سڄو ڏينهن، جهيڙن وجهائڻ جي جهورَ،
ٿيا ٻَہ، ته لاوَت ۽ چاوَت ۾ چور.

اچا ڪاٿي جهيڙي جو ٻڌڪار ٿيو،
هنيون ساهہ، لٿون لٿون، ٿري ٿار ٿيو.

ڪٿي چيٽون پوريون ته ڏهڪار ٿئي،
ڪو ڪنڪار، سڏڪار، ٿهڪار ٿئي.

جي برپا ڪتهين تي، ٿئي ڪو فساد،
اسان جو شغل، شوق، دل، شاد-شاد.

جي ڪنهن جو تنزّل ۽ نقصان ٿيو،
ٻُڌي خوش خبر، دهن خندان ٿيو.

سلامت ۽ لعنت ۾، ڪوليون زبان،
گِلا ۽ بُرائيءَ جا آٿيون بيان،

نٿو روح ڪنهن جي ٿدولي سهي،
سوا عيب، جي پيو لڇڻ نا لهي.

پرائي ترقي، سٿي جا ڪنَن،
حسد جي وجهي باهہ، ساڙي بدن.

طبع کي موافق، گِلا جي غذا،
بدن جي رطوبت، حسد ۽ ريا.

اسان جي لياقت تہ غيبت غرور،
اسان جي فضيلت تہ فسق ۽ فجور.

صغائر، ڪبائر، اسان جي صلاح،
گِلا، ظلم، بدعت، اسان کي مباح.

اسان وٽ تہ ابليس، واندو وَتي،
فراغت ۾ فرحان، گهٽمي ۽ گهٽي.

رهيو جو مُذمت ۾ باقي زياد،
ڏياريو، انهيءَ کي، اسان آهي ياد.

اسان جي مَدائين کان ٿيو منفعل،
خرابي اسان جي کان آهي پڳل.

وَڏنون وَڏ، اسان جي ڏسي بات هين،
ڏني آهي بدليءَ جي درخواست هين.

چيائين تہ: هيت منهنجو، ٿيندو نہ داد،
جو هرهڪ هتي ٿيو، سندم اوستاد.

چوي هڪ، گُنَهہ تان ڪريون، چار-پنج،
اسان وٽ پَلا ٿيا، گناهن جا گنج.

جي هن کي خبر هوءِ تہ چوڏهين صدي،
ڪٿي گوءِ ويندي، مون کان، در بدي.

تہ هيسين رهڻ جي ڪري ڪانہ ها،
جيئڻ لاءِ مهلت وٺي ڪانہ ها.

مگر فائدو هن کي هي ٿيو حصول،
جو فقرا گهٽا هيت سکيائين فضول.

سڌاري اسان کان قواعد زبان،
خدا کان گهرون ڪو وري ٻيو جهان.

نفاق ۽ ڏسو ڪفر جا سڀ نشان،
تہ کهڙا نہ آهن، اسان ۾ عَيان.

اسان کان اچي، عار، ايمان کي،
شرارت ۾ ٿيو شرم، شيطان کي.

كمائي اسان جي، سچي ڪوڙ ڪچ،
نہ خالي ريا ڪان نہ صافي نہ سچ.

رکو حظ نفسي ۾ اڏريا هزار،
ڪشالا ڪروڙين، اوجاڳا آپار.

نہ تڪليف تنهن ۾، نہ عذر و قصور،
بدن باغ، دل خوش، تہ سيني سرور.

تيو جي نمازن، درودن جو سڏ،
پترا، سورَ صدها، اچي تين گڏ.

جي خيرات، صدقي جو ٻڌبو ڪلام،
چڙهي تپ پٿو ويندو، بدن تي تمام.

جي هلندي، زڪاتن جي ڪا قال قيل،
سوين عذر معقول، دلبا دليل.

جي گهرندو ڪو پنسو يا ڏوڪڙ فقير،
وٺي باھ ويندي، اندر چاڪ چير.

جي رنديءَ جو فرمان، تان عين فرض،
قضا ڪين ٿيندو، ڪٿون توٽي قرض.

ڪٿي وعظ ٻڌبو، تہ ٿيندي ٻچان،
نہ ايندي جميعت، لچان ۽ پچان.

جي لاچار وهبو تہ دل بي اثر،
اتي پئي، دنيا جا خيال ۽ خطر.

اھا پند ايندي نہ هرگز پسند،
چوي دل، ڪري شال بَڪواس بند.

ٻڌڻ بانگ سان ٿو هٽي نانگ ڏنگ،
وڪوڙي وجهن وسوسا خوب ونگ.

جي چڪلي ۾ وڃبو تہ ٿي چاق چُست،
جي مسجد ۾ گهڙبو تہ ماندو ۽ سست.

وڏو وس، جي اڇيو، نمازن جي باب،
تہ ونيا هٿي، چار ٽونگا، شتاب.

جو آلحمد بدران، آتحيات، ڪار،
رڪعتون هُجن ٻہ، تہ چاڙهيونس چار.

اڌو اڌ وضو، وقت ظاهر ضعيف،
بدن روح بيجا تہ نيت نحيف.

قضا، تان قضا جي پڙهي تہ بہ قضا،
دَهن ۾ دعا آهي دل ۾ دَغا.

نہ ويچار ويهي ڪيون هڪڙو دَم،
تہ مَربو ۽ پوندو، خدا سان ڪمُ.

نہ عبرت، نہ حيرت، نہ عقبيٰ تلاش،
زماني جو ڳڙٺو تہ مرٺو معاش.

ڪرايا هشا حرص، حيلا هزار،
تہ پوري پئي ڪين َ ساري چمار.

جٺين گڏ ٿئي تو، زر ومال گنج،
تٺين وڌ ٿئي تو، تڪلف ۽ رنج.

لُچايون ڪَچايون، مَدايون ڪري،
بديءَ جا رکيم بار، سِرَ تي پري.

خدايا، سندءِ در ٿي جائي پناه،
ڪري مُنهن سيه، ۽ وئي دل تباه.

گنهگار، بدڪار، بيڪار، بَد،
تون پنهنجي ڪرم کان نہ ڪرمون کي رد.

گناهن سندي ڳالھ کهڙي ڪريان،
عبادت بہ عصيانَ جهڙي ڪريان.

گنھ کان رهي، ڪينَ، ڳالهي پَلڪ،
جو تن جي لکن کان پيا ٿڪجي، مَلَڪ.

سچو آهي دفتر خطا تي خطا،
خدا تون ئي آهين ڏيو صاحب عطا.

ٻنڌ ٻن جي ڪرڻ کان ڪيم ڪين ٻيم،
ٻڌو ٿم تہ تون آن غفور الرّحيم.

گناهن ۾ ٿيس بيحيا بيپرم،
ڪريما بچائيس تنهنجو ڪرم.

دقيقو ڇڏيم ڪين عصيان ۾،
تفاوت نہ مون ۾ ۽ شيطان ۾.

مگر آهيان رحمت ۾ اميدوار،
رهيو ٿم اهو آسرو برقرار.

سڌو هوس مون کي مدائي رهاءِ،
چڱو آهين توکي چڱائي جڳاءِ.

ڪيم پنهنجي لائق تي سڀ بد عمل،
تون ڪر لطف لائق متم ٿي بدل.

ستايون ستايون ڪري ٿيس ملول،
مگر سيڙ تو ڏي محمد رسول.

رلي دربدر ڪائي ٿابا ڌڪا،
سنڌ ۽ در ڏي آخر پڳس اي خدا.

هي ٻانهو پڳل پرخطا پرخلل،
رکي ڪم تو تو ساڻ آخر اول.

تون مالڪ اسان جو تون داور ڌڻي،
خطائون سڀئي عفو ڪر تون ڪٽي.

تون معبود منهنجو پڇان يا ٿهان،
تون مقصود منهنجو تہ ڪاڏي وڃان.

خدايا مون کي هن بدين کان بچاءِ،
شقاوت شرارت ڇين کان ڇڏاءِ.

اطاعت ۾ توڙي ڪيون ٿا قصور،
ته پي ڏين، پيو رزق روزي ضرور،
تون اهڙو سخي ۽ سخاوت شعار،
جو هيڪر ڏئين پو نه آئين شمار.
نه عيبن خطائن تي تنهنجي نظر،
سندءِ رحم مينهن مٿي سر بسر.
پڪڙ تي ٿو، نا گرم جوشي ڪرين،
ڏسي عيب تون، عيب پوشي ڪرين.
خدائيءَ جو لائق تون آهين خدا،
جو ميڪا صفت، تنهنجي بي انتها.
تون اهڙو اسان جو رحيم آهين ربّ،
گهريو، آڳهڙيو تو بنائين سبب.
اميرن جو پرور، غريبن نواز،
تون ئي ساري مخلوق جو ڪارساز.
هيتي پي ڪيون تو، عطائون عجيب،
آتي پي ڪرين، شال رحمت قريب.
مٿس جي ڪيئي مون سان عدل و حساب،
بچيس جي ڪنيو، تنهنجي بخشش جو باب.
تون ڏاتار آهين، مٿم ڏات ڪر،
سڀئي منهنجا سيئات، حسنات ڪر.
بچائج خدا، شرّ شيطان کان،
نپا کي، نڏر، نفس نادان کان.
گهڻو، صبر ۽ شڪر جو شوق ڏي،
پنهنجي ذڪر ذاتيءَ سندو ذوق ڏي.
ڪرين معرفت ۽ محبّت عطا،
هدايت مٿي، استقامت سدا.
ٿئي خاتمو خير سان با نجات،
بہ حرمت محمّد عليه الصلوات.

## در نعت حضرت نبي كريم
### صلي اللّٰه عليه وسلم

خدا پـي كريم ۽ محمّد كريم،
پو عاصي كريون كهڙو محشر جو بيم.
محمّد اسان جو شفيع و شفيق،
خدا خلّق اعظم سان خلقيو خليق.
محمّد اسان جو امين ۽ ايمان،
محمّد اسان جو، ضعيفن ضمان.
محمّد اسان لاءِ پشت و پناه،
محمّد، ٿيو دين جو دستگاه.
محمّد وكيل و محمّد كفيل،
محمّد وسيلو، محمّد جڙ ڍل.
محمّد حبيب و محمّد طبيب،
محمّد نجيب و محمّد مجيب.
محمّد مجيد و حميد و حكيم،
محمّد، رسول ۽ رؤف الرّحيم.
محمّد مبشر، بشير و نذير،
محمّد سعيد ۽ سراجاً منير.
محمّد مزمّل، احيد و وحيد،
محمّد مطهّر، شهير و شهيد.
محمّد وليّ و قويّ و امين،
محمّد مكين و متين و مبين.
محمّد علوّشان، عالي نسب،
قريشي و عربي و امّي لقب.
محمّد مكمّل، جميل و لطيف،
ابوالقاسم و هاشمي و شريف.

محمّد ٿيو مظهر ذاتِ حق،
ڪيائين قمر، ساڻُ انگشت شق.

محمّد سچو، سيّد و سرفراز،
محمّد سچو، ربّ عزّت جو راز.

محمّد کي مولا ڏني سروري،
محمّد کي بخشي خدا برتري.

محمّد سچو، پيشوا، مقتدا،
محمّد سچو هادي و رهنما.

محمّد حمايت، محمّد امام،
محمّد عليه الصّلوات و سلام.

## در بيان صرف اوقات

اچي هاڻ ٿي، عُمر تنهنجي تمام،
سٽائي نہ تو طرز و رسم و ڪلام.

سکئين ڪانہ ڪا صاحبائي سيمَ،
نہ گڊمارننگ، مئي ڊئر، ڪم هيئر.

پڙهي پارسي تون تہ جاهل ٿئين،
وڏي قاف سان، ڪين قابل ٿئين.

ٿئين تون تہ محروم، "سنڌيءَ" سبب،
نہ توکي مليو، ڪوئي "نَرَ" جو لقب.

رهئين تون نسورو چٽاٽوئي چٽ،
ڪو حاصل ڪيو تو نہ سرٽيفڪٽ.

نہ تون ٿئين هيچارا، فصيح اللّسان،
سکئين ڪين کي، انگريزي زبان.

وڃائي تو پنهنجا ڏِيا، پٽي جهان،
ڏنا ڪين کي تو اندا، امتحان.

روينيو، جڊيشل، وڪالت، وغير،
ڪهاڙيءَ سان پنهنجو وڍيئي پاڻ پير.
عمر ٻي اجائي ٿي بيسود، صرف،
ڪيئي ڪين حاصل، ولايت جو شرف.
نہ ڊپٽي ٿئين تون نہ مختيارڪار،
ٿئين همسرن ۾ ذليل و خوار.
جي، بي-اي، ٿي، تولئي بعيد از قياس،
تہ ميٽرڪيوليشن بہ ڪيتَرئي نہ پاس.
جي هين، جَجُ، سي-ايس، ڇٺو تن ڪيجيي،
مبارڪ، مبارڪ، سندن ساڻ پيي.
ڇٽي توڪي مائٽ، نہ سنيريا ڪو سَڪ،
مٺلون ٿي تنين ڪي، ڏنئي ڏنجھ ڏڪ.
نہ صاحب، ڪنهين جو ڪيو تو سلام،
نہ ديوان ڪنهن سان، ٿئين همڪلام.
نہ ٿئين ماستر، تون تڙو تپيدار،
نڪي ڊڪ منشي نہ اميدوار.
ڪنهين نوڪريءَ جي نہ تو ڪئي تلاش،
رهئين تون تہ بيڪار اي بي معاش.
نہ آئي ڪا توکي، رفيقن تي ريس،
ندورا جو توکان پري ٿي پليس.

## در بيان سخاوت

سخاوت ڪري ڪونہ دانا قبول،
سخاوت ڪري جو رهيو بوالفضول.
سخا ۾ تہ هڪڙو، خدا آهہ بس،
ٻيو پاڻ ڪي ڪَس نہ لائي آوَس.

سخاوت ڪري ٿي، سوَن ڪي سڄو،
سخي آ هميشه، ٻڪيو ۽ اڄو.

سخا سو ڪري، جو هجي بادشاه،
ڪري ٻيو ته جهٽ ٿئيس خانو تباه.

سخا ڪي سياڻا نه ڪن ٿا پسند،
سخا کان رهن، دور سڀ هوشمند.

سخيءَ جو هميشه رهي تنگ دست،
سخاوت ڪيو آهه، ماڻهن ڪي پست.

سخاوت ڪري، مفلسيءَ ۾ ملول،
سخاوت ڪرائي ٿي، دعوا دخول.

سخاوت روا ناهه، انصاف ۾،
سخا ليڪبي آهه اسراف ۾.

اچوڪي سخا آهه، چندو ۽ فند،
مقدمن ۾ رشوت، ڀتا، ڏفي ۽ ڏنڊ.

وڏو وَس ڏجي ناچ يا رنگ ۾،
نهايت ته ناموس ۽ ننگ ۾.

مناسب سخا جا ته هي ٿيا عمَل،
لباس ۽ جُوا، يا مڪان ۽ محل.

انهن کان سوا، خير خيرات ۾،
سخاوت شمار آهه بدعات ۾.

## در بيان بخل

هجي بخت جنهن ڪي ٿئي سو بخيل،
بخيلي ڪري سو هجي جو عقيل.

ٻخل آهي نعمت عجيب و غريب،
ٿئي ڪنهن وڏي نامور ڪي نصيب.

بخيلي خزاني سندي خيرخواهہ،
بخيلي گدا کي بڻائي ٿي شاهہ.

بخيلي تہ "گارڊ" رهي گنج جي،
ريا وام هردم وٺي رنج جي.

بخيليءَ کي عاقل ڪري اختيار،
بخيلي بڻائي، وڏو بختيار.

بخيلي ڪري جو موافق مزاج،
ڪڏهن ڪين تنهن کي رهي احتياج.

بخيلي وڌائي، زر و مال کي،
بخيلي نہ هيٺو ڪري حال کي.

خدا کي نہ پرواهہ، خيرات جي،
نہ حاجت زڪات ۽ نہ صدقات جي.

سوالين تي آهي، خدا جو ڏمر،
ڇڏي در انهيءَ جو، رُلن دربدر.

نہ پورهيو نہ ڪارهيو، ٿا ڪن بيخبر،
پيٽ ۽ سيني تي ڪَشن ٿا ڪمر.

ڏيڻ پيي، انهن کي نہ آهي رَوا،
نہ پاراتي ۽، ۽ نڪي منجهہ دعا.

رُکي ۽ سُڪي تي ڪجي پيو گذر،
ڏسي ڪونہ ٿو پيٽ ڪاڏو، پسر.

نہ مهمان کي مٺور ماني ڏجي،
مگر وات جي خوش زباني ڏجي.

ٿئي دين و ايمان، نقصان جان،
تڏهن ٻي ڪجي ڪين پيسو زيان.

بخيلن کـي آهـي، وڏي مدنظر،
سخي، هکڙا بي گڏجي، بي ثمر.

بخيلن کـي پرمغز، پيسي جـو پور،
سخين کي سدائين، سچائيءَ جو سور.

## در بيان تواضع

تواضع کرڻ، نيچ عادت خسيس،
تواضع اهي کن جي سادا سليس.

تواضع خـوشـامـد جـو آهـي نـشـان،
کري سو جـو، مفلس ۽ محتاجِ نان.

تواضع کـري، بـيـنـوا، بيـشـعـور،
انهيءَ چاپلوسيءَ جـو کـهڙو ضرور.

تواضع غـريـبـن، فـقـيـرن جـو کـم،
تواضع شـريـفـن جـي لـئـي بـي پـرم.

ڏيو هاڻِ هن جهوني ’فيشن‘ کي ٻَنِ،
کـيـو آهـه ’ڊسمس‘، عـلـم يافـتـن.

تواضع تـه کـم، دل گـرفـتـار جو،
ريـاکـار، مـکـار، غـدّار جـو.

تواضع ڏيائي تـو ماڻهوءَ جـو مـان،
تواضع وڌائي تـو شوکت ۽ شان.

تواضع کري، رفعت و رعب رفـع،
تواضع کري، دهشت و تـاب دفـع.

تواضع نـه آهي، سيـاڻن صلاح،
تواضع تـه آهي، ملوکن - مزاح.

# در بيان تکبّر

تکبّر هجي، خاندانيءَ جي خو،
تہ گل عهده داري جو خوشرنگ بو.

تکبّر ٻہ آهن، حکومت جا هٿَنڌ،
هميشہ هٿي تو ڪيلي منجهہ ڪنَنڌ.

تکبّر تہ وڏ ماڻهپيءَ جي ورونهن،
تکبّر هجي، سروريءَ جي ٻہ سونهن.

تکبّر، تجمّل جو آهي جمال،
تکبّر، جلوو، جوڙ، حشمت جلال.

تکبّر تہ شهرت جو اوچو نشان،
تکبّر تہ آهي، شريفن جو شان.

تکبّر تہ حڪما جو آهي هنر،
تکبّر تہ اهلِ دَوَل جو ثمر.

تکبّر ترشروئي ۽ تندخو،
اهي هرسہ هين، نسخہء آبرو.

تکبّر سدا آهہ سائي جو ساز،
نسب ۽ حسب لئي نزاکت ۽ ناز.

تکبّر تہ آهي، معاون سلوک،
رڳو منهن، گهنڊي نرڙ ٻہ، سيٽ ڦوک.

برابر کو ويٺو تہ آٿ بي ادب!
کو پيرين پيو نا تہ غصّو غضب.

مگر افسرن، همسرن، کان سوا،
اڻ ڪنهن جي اکيان نہ رکجي رَوا.

ميلن جي رسم بد تہ پاکر وجهن،
وڏو وس تہ گهرجي، کٺي هٿ ڏين.

خبر چار جي لانـدي، کيکر وڏي،
اسان تان رجسٽر تان ڏاهي چڙي.
سلامن جي ورنديءَ ۾ آگر کڻي،
اشارو ڪرڻ، يا پيرن جو چرڻ.
جي بهتر تہ آهي، تڪبرُ تمام،
نہ ڪنهن سان ڪجي، ڪو ڪلام وسلام.

## در بيان علم

جي پائنين تہ مولا ٿئي مهربان.
تہ سِک علم تون انگريزي زبان.
انهيءَ علم باجهون، هجي جاهلي،
شقاوت، نحوست سان گڏ ڪاهلي.
جي سنڌي ۽ عربي، پڙهيئي پارسي،
تہ سڏبين وڏو سست ۽ آرسي.
نڪر لاءِ محتاج، بيروزگار،
هجين حاڪمن وٽ، وڏو بيوقار.
پٽيوال پسي، ڪين توکي پڇن،
ڪلارڪ تہ جاهل ۽ احمق سڏن.
رهن رنج توکان، قريب و عزيز،
تہ لائق ٿئين ڪين، اي بي تميز.
جي عزت جهان جي، رکو تنهنجي ٿش،
پڙهو انگلش، انگلش! انگلش!!
اهو علم، دولت جو آهي دليل،
زياده تہ 'ميٽو' پڙهي ٿي وڪيل.
اهو علم توکي ڪري، عهده دار،
ڪليڪٽر ۽ ڊپٽي ۽ مختيارڪار.

اهو علم بخشي فضيلت ڪمال،
حڪومت، مزا، عيش، اقبال و مال.

انهيءَ ۾ بلند بخت، نعمت الوف،
انهيءَ علم ڌاران، ڇسو بيوقوف.

بنائي اهو علم، حاڪم حريف،
رسائي، اهو علم، لنڊن شريف.

## در بيان جهل

سنڌيدان، جاهل، سيه روءِ سخت،
نجس نا اهل، نا خرد، خفته بخت.

سنڌيدان، 'ڊيمڊ'، سنڌيدان، 'فول'،
رڳا جانور، جهنگلي ۽ جهول.

سنڌيدان جي ڪهڙي آ دسترس،
سنڌيدان جو مانُ، 'ڪوڊيم' بس.

سنڌيدان بيدانش و بيخبر،
انهن ساڻ صحبت نه، گهرجي پسر.

سنڌيدان ڪمبخت، ڪم روزگار،
نه لائق اضافي، نه قابل شمار.

سنڌيدان جو ورڪ، ويري خراب،
ويچاري کي آفيس ۾ پيي نه آب.

سنڌيدان کي ڪين ملندو، گريڊ،
سنڌي 'ڊل' ۽ 'ويڪ' بيڪار، 'بيڊ'.

سنڌيدان جي 'لسٽ' ۾ 'لاسٽ پيي'،
سنڌيدان کي هر بندوقون پري.

جو سنڌيءَ جي 'سروس'، ۽ سنڌي 'ڊريس'،
ڪرائي تي 'ڊسمس' هلائي تي 'ڪيس'.

سنڌيدان اهڙا ته آهين ذليل،
سزا تي انهن جي نه آهي 'اپيل'.
سنڌيدان ڪم ظرف، ڪيچرو، حقير،
پري پيچ انهن ڪان، جيئن تيز، تير.
اڪيڻي سنڌي ماڻهو، صدقي جو ساهه،
پڙهيو جي نه انگلش ته ويتر تباهه.
سنڌيدان محروم سرڪار ڪان،
انهن جي خورد و پوش اسرار ڪان.
سنڌيدان ڪان گهر خدا جي پناهه،
انهن سان ميلو، قاعدي جو گناهه.
سنڌيءَ جو ولي ڪين صاحب، سلام،
سنڌيءَ جو سماعت نه عرض و ڪلام.

## در بيان عدل

ٿيو عدل، رقمن ۽ رپين جو 'رود'،
بنيو عدل، ڪوڙن ڪمائڻ جو 'ڪوڊ'.
عدالت مهانگيءَ ۽ مدت گهڻي،
رلائي، پنائي، ڏرائي، ڦري.
سوين 'سيڪشن'، فيصلا اڻ شناس،
تپاس و قياس و هراس و 'ڪراس'.
قلم قاعدي جي هلي قال ـ قيل،
دليل و 'اپيل' و اصيل و وڪيل.
پڇا ۾ جو آيو، سچو با صفا،
ذرو پير تيرڪيو ته ڪائي هوا،
سچا ڪاڪ ۾ پيا ته ڪوڙا چڙها،
وڪيلن رکيا خوب، ميڙي مڙها.

هجي، عدل پالو، ’پليڊر‘، ’پليس‘،
رکو کوڙ تي ڪين، ثبوتي سليس.

ڪڇي قيد ۾ جو پيو سو سڪو،
ڇٿو ڇا؟ سزا هو ته پوکي ڇڪو.

وڏي ڪم ويو، ڪورٽن کي اپار،
هلي ڪيس هڪڙو، مهينا ٻه-چار.

اونهاري ۾ حاڪم رهن، ڏيه-ڏور،
سفر جو مقدمات وارن کي سور.

سياري ۾ هر روز جي لڏ-پلاڻ،
ڪيلبا وتن، سڀ سمن دار ساڻ.

رلي ٿين گهٽو رنج، شاهد-گواهه،
ميلي ڪين تن کي پٽو، خرچ راهه.

وڏا سيءَ ساڙي، سڄي رات هاءِ،
نه ماني نه ٽڪي، نه جاکٽ، نه جاءِ.

ڏهاڙي ڏمر هي ته حاضر رهو،
ويچارن سندو ويو، آهو ۽ سهو.

غرض آهه پيسو عدالت جو ساهه،
جي پيسو ڪٿو، تان عدالت، تباهه.

## در بيان ظلم

ڪريان ظلم جي ڳالهه ڪهڙي ادا،
هجي سرخرو حاڪمن سان سدا.

ملي عام ماڻهن کي هن جي مراد،
نوابن، اميرن سندو اوستاد.

زميندار جو آهه زيور ۽ زور،
سپاهين جو سرتاج، ميرن جو مور.

ڏني سَرندي وارن کي سرٽيفڪيٽ،
وڪيلن سَندَ نوڪرن جي ٽڪيٽ.

رهي راء صاحب جو هردم رفيق،
هجي، خانصاحب جو خاصو خليق.

ٿيو 'جنٽلمين' جو 'گڊ-فرينڊ'،
۽ مسترڪ بابڻن جي بازيءَ جو 'بينڊ'.

ڪري ڪونه ڪامورو، ان ۾ قصور،
ٿيو سيني ڪاتن ۾ ان جو عبور.

پٽو پاڻ ڪائن، نه ڪو آٽ رکن،
وٺي گشت ۾ گاڏيون، ٿا هلن.

سدائين سواريءَ جو آهي سوال،
ڏجي ڪين منشين کي، ڪنهن جي مجال.

هٽن خوب سرسات ۾ پيئي هَٽ،
نه پائي، نه پيسو، نه قيمت، نه ڪَٽ.

هٽن بٽ بيگر، ڪري ڏاڙ سار،
لڏائن، پٽائن، ڪرائن شڪار.

جتي ويا، اتي زلزلو، هل، هاڪ،
زميندار، ڪرمي، رعايا، هلاڪ.

ڪمي ڪاري، ڊڪ ڊوڙ ۾ دردناڪ،
ڦر و مار، ڦرڦوٽ، ٻرڙوٽ، ٻاڪ.

## در بيان قناعت

قناعت جي معني سان دل لائجي،
بصر ساڻ ڊوڊي-جوئر، کائجي.

رُڪي ماني آهي، نبين جو ڏاج،
قناعت، ڪفايت، ولين جو ڪاج.

قناعت ڪري، سادگيءَ ڪي قبول،
قناعت تہ آهي، اڳين جو اصول.

پلاءُ، پوڙ، حلوا، مٺايون، ڪباب،
شڪر، شير شربت، سلوٽو شراب.

اهو ڪاج فرعون وارو جناب!
انهن تي وڏو آ، حساب و ڪتاب.

هجي ذات ميوو مٺڻ، ۽ مٺو،
پٺي ڪاج ۾ ڪجهہ نہ آهي پٺو.

نہ ڏي گوشت-ڇانور کي ٻهرن جو داغ،
جلائي جگر ٿو، ڦٽائي دماغ.

جي روغن تہ آهي، نسورو زڪام،
مسالن جي ڪميءَ جو رک اهتمام.

مقوي ۽ جائز تہ آهن، هي چار،
مڇي ۽ لسي، ۽ بصر ۽ آچار.

رُڪو آن"، سبحان؟! نسوروئي نور،
نہ مٺو نہ چٺو، نڪو سور پور.

قناعت جي معنيٰ نہ ڄاڻن جوان،
خوشامد ۾ ڪن ٿا ضرر ۽ زيان.

قناعت جي معنيٰ تي ڪر خوب غور،
ڪيري ڪين ڪاڻ ۾ مانيءَ جو ڀور.

ڪڪڙ، ڪانءُ، ڦيريون ڀريندو رهي،
ڪتو ۽ ٻلو، سر تڪيندو رهي.

ٻچو ٻارُ ڦٽڪي تہ پائي نہ ڏي،
اٺين مفت پنهنجي ڪمائي نہ ڏي.

سوالي، سڏيندي، ڏئي توٽي ساهہ،
تہ پئسي ٻجا، ڏي نہ هڪڙو گراهہ.

تون مهمان کي ميل، هکو ۽ ٻکو،
ڀڄهر کن جي ويٺو ته پاڻهي ٿکو.

ڏنو، منهن نه هکڙي کي، آٿون، آليءِ،
ته اڪتي ٻيو کونه ايندو هلي.

قناعت جي معنيٰ ته آهي، کيري،
نه ڏي سور ماني، ٻوي کو مري.

نکي خير صدقي ۾، هيراءِ هٿ،
رکي سڌ ڏيندي کنهين وقت وَٽ.

تون هرگز، کڏهن، نقد کي هٿ نه لاءِ،
رکو آن" داڻا، هجن تان کپاءِ.

پنهنجي دل ته هوندي، پريل مغز پَر،
فضيحت کندي خلق کهڙا آٿر.

رکو آهي دنيا ۾ پيسي جو دم،
جي هوندو ته ايندو، ڏکيءَ ويل کم.

## در بيان حرص

وڏي حرص ۾ آهه حکمت حضور،
بنا هن جي، دنيا جو چرخوئي چور.

هوا حرص آهن، ضرورت زمان،
انهن سان ٻڌل آهه سارو جهان.

هوا، حرص دنيا جو سينگار آهه،
انهن سان ته هي گرم بازار آهه.

هي دنيا ۾ جيکو به آهي ٿيو فن،
مکان و محل، باغ، بستان، چمن.

زمين و زن و زيورِ زرنگار،
عجائب غرائب، تماشا هزار.

لکين نعمتون، راحتون، عيش و ناز،
سوين سلف-سودا، سڀئا سازباز.

هي سڀ حرص جي آهي حڪمت تمام،
زماني جو سارو مٿس انتظام.

ڏپڪارياڻين جنت جو نقشو هتي،
مگر ناهي ذمو، سندس پوئتي.

سڀئي شاهه، حڪام، گردن دراز،
انهيءَ جي ٿيا صدقي رهن سرفراز.

جڙيا شال جڳ ۾ ته حرص و هوا،
ڏيکارياڻون، ماڻهن کي ڏاڍا مزا.

هوا، حرص ڌاران، هلي ڪٿ جهان،
هوا، حرص آهن، زماني جي جان.

هي اهڙا ته آهين، حرص و هوا،
نڪا تن پڄاڻي، نڪا انتها.

## در بيان طاعت

عبادت جي عادت نه آهي، اسان،
نه روزي جي طاقت رهي بيگمان.

عبادت پلي ڪن، نڪما نڪار،
نه ڏيتي نه ليتي، نه ٻچا نه ٻار.

جي ڪم جا پڳل، ماڻهن جا تڙيل،
رَنن روڳڙين جا رُلَل ۽ مٺل.

مگر جو هجي، معتبر ۽ مسڪين،
ڏکو ڏور ٿيو، چار ٻارا زمين.

عبادت ۾ سو چو وڃائي مهل،
انهن جي ڪري چو نه نَهوَر، نهل.

ڏڪو ڏور ٻڪ، پوک پٽي پيلجي،
ڪري ڌو عبادت، ته ڌر ٿيلهجي.

عبادت هجي، مفلسن کي روا،
تونگر تي آهي نه تڪليف ڪا.

جنهين کي ملي، رزق روزي وفور،
گسائي پيو گوڏا، سو کهڙو ضرور.

خدا جن کي دولت ڏني آهي پاڻ،
عبادت جي تن کي هجي کهڙي ڪاڻ.

وري جي ڪو حاڪم ٿيو، پو ته جس،
ذري گهٽ هلائي، خدائي جو وس.

عبادت ڪجا، بلڪ معبود ٿئي،
ڦري سو ته نابود مان بود ٿئي.

هٽي دسزني فر، فرعون جي،
رکي اختياري، سڃي، "نون" جي.

اسان جي عبادت ته دنيا جا ڪم،
اسان جا ٻچا ٻار، زالون صنم.

## در بيان پرهيزگاري

اسان کي اهو لفظ "سمريز" آهه،
جو پرهيزگاريءَ کان پرهيز آهه.

پراڻو ڪو نسخو ڌو ڏسجي ردي،
ڪيو آهه منسوخ، چوڏهينءَ صدي.

اسان جا وڏا خرچ، ڪثرت عيال،
ته پرهيزگاري، ڏسجي پائمال.

رکون جي اسان تان، انهيءَ جي نظر،
ته رهندا اسان جا نه هي ڪر، فر.

جڏهن ان جي ابتڙ، اسين ٿا ڪريون،
تڏهن آئي پيٽيون، خزانن ڀريون.
دغا، رشوت و جعلسازي، فريب،
خيانت ۽ چوري، وٺائي ٿي زيب.
جڏهن ڪي ڪجن ٿا، هي حيلا حوال،
تڏهن ٿو هلي، ڪارخانو بحال.

## در بيان عصيان

هي عصيان اسان جي ته املاڪ ڇٺو،
مگر نوش ۽ خاص خوراڪ ڇٺو.
گناهن ۾ گڏجڻ، اسان کي ثواب،
ثوابن ڪمائڻ ۾ حرف و حساب.
انهن ساڻ هردم، هيڪاندا رهون،
گهڙي هڪ انهن کان نه واندا وهون.
اٿڻ ۽ وهڻ ۾ انهيءَ جو عمل،
اسان جو گهٽو آهه، ان ۾ دخل.
گناهن ۾ پهچي، خوشي ۽ سرور،
ثوابن ۾ ٿئي نفس، ڇڪنا ۽ چور.
رڳون، روح، عضوا، سڀئي سنڌ، بند،
انهن لاءِ حيران، رهن فيض سند.
جي مڪروه آهن، صغير و ڪبير،
مڙيئي اسان لئي، ٿيا دلپذير.
گناهن ۾ چاڙهون، فضيلت آثر،
گناهن ۾ آهيون ته عالي قدر.
ڪٿي جا ڪلارڪ، لکن ٿا جو "لسٽ".
ته آهي گناهن ۾ نمبر فرسٽ.

گهٽي ڪان گهٽو، جو آ نمبر شمار،
اهو آ ڪروڙن ۾ هڪڙو هزار.

نہ آهي، انهن جو حساب ۽ نہ حد،
خدا جو ٿئي رحم غالب تہ رَد.

نہ چاڻان ٿو پنهنجي، چڱڻ جو سبب،
مگر ڪو بڻائي، محمدؐ ۽ ربؐ.

ڪريمن کي ٿيندي، ڪرم جي نگاھ،
تہ محشر ۾ مون کي، ڪندا چا گناھ.

## در بيان شيطان

هي بزرگ اسان جو پراڻو آ يار،
اسان سان سندس آھ پڪو پيار.

رهيو ڪيرپائي تہ پنڌڻ جو دوست،
اسان جو، انهيءَ جو، تہ يڪلخت و پوست.

هجي صحبتي، همصلاحو، هميش،
چڻ آهي، اسان جو برادر ۽ خويش.

اسان جو تہ ابليس، مونس ۽ جليس،
اسان جو تہ جاني، اسان جو انيس.

اسان جي تہ چشمن جو آهي چراغ،
سندس جاءِ سينو، تہ دل ۽ دماغ.

جئين ٿو چوي، تيئن ڪيون، ٿا ضرور،
نہ ڪو عذر معذور نا ڪو قصور.

نچائي، ٽپائي، هٽي ۽ ڪٽي،
اسان سان ڪري ڪيس جيڪي وٽي.

اسان لاءِ آهي، انڌي واري لٽ،
اسان لاءِ آهي، گنگا واري گَٽ.

اسان کي سندس آهہ نَک ۾ مهار،
اٿارڻ وهارڻ، سندس اختيار.
اسان پڻ سندس آهيون، قائم مقام،
پرايونس ٿا کنهن عمل ۾ سلام.
سکياسين تہ اهڙو، فريبن جو فن،
جو بعضي، بَديءَ ۾ وڌايونس کَن.
ڏَئيي، ينگ مئنَن کي پنهنجو 'سَمَن'،
پرئي مڙس هاٿي وَتيي، 'پينشن'.
خدايا تون هن بد بلا کون بچاءِ،
جو منهنجي پچڻ جي تہ هت ناهہ جاءِ.

## در بيان مستي ۽ شراب

ارے شاپ کيپر، يوئر 'کم هيئر'،
ادهر لائو، اک خوب 'ايزي چيئر'.
پلا، برف 'لمليٹ، سوڈا، يو-مين'،
ادهر لائو 'ٹالر'، ادهر لائو، 'وين'.
'برانڈي' کي بوتل کو ٹيبل پے لا،
ابهي ايک 'پائونڈ'، هم کو پلا.
سمجهٹا نهين هم ٹمارا 'ڈرام'،
نهين همٹو، بچائو، کچا ٹمام.
ڈکهائو همين ايکشا کاس 'يو'،
کہ ڈونون هو نمبر کي 'ون اينڈ ٹو'.
چکهائو تو 'شمپين' شيري شتاب،
مگر 'بير بوٹر، ٹو وسکي' شراب.
او هو، هو گيا بهول، نوئي کا نام،
بهت لائو جلڈي، اچها 'اولٹام'.

'ڈزن' کے "ڈزن" تم رکھو آنکر،
'یو، گو، اِن پیگ، آءِ بیگ، سَر'.
ھمارا بہ کھنا نہ سمجھو گلٹ،
ابھي ٹوڑتا ھے، ٹھمارا کبٹ.
پلائو 'چروٹ'، اور کھلائو 'فروٹ'،
کہ بکسیس ڈیٹا ھے، ھم کوٹ بوٹ.
کدھر ھے 'سرونٹ'، جلدي بٹا،
کہ بننا ڈوانا ھے، ھم مانگٹا.
سنبھالو ھمارا ٹو، 'اسٹیک کیپ'،
بچھاؤ ھمارا بچھونا، 'سلیپ'.
ابھي ڈے کے آٹا ھے، مس کو 'وزٹ'،
کبردار لڑتا ھے، ھم 'بال فٹ'.
لکر اوس بگرني، ڈٹا ھے پلا،
نہ معلوم بکٹا ھے، شکٹا ھے کیا.

## در بیان وفا

ابھی ھم نشے میں ھے، "واٹھ بال رنس"،
وفا ھم سمجھتا نہیں، "نان سنس".
وفا جو ڈِیو، کنھن وسوڙي کي ڏَس،
اسان جو انھيءَ ساڻ، آھي نہ رَس.
وفا کي اکثين سال، کاڏو وَبا،
ھوا تي اڏامي وئي، چون ھما.
وفا جي قضا ۾ پوي نانگ 'لانگ'،
وفا جو ٿيو 'ورڊ'، دنيا ۾ 'رانگ'.
وفا جي پچاڙي تہ دوکو دغا،
وفا جو نتيجو تہ آخر جفا.

وفا ڪان تہ آهي، چڱو بيوفا،
وفا جو پيو پير، تان گهر صفا.
وفا سان اسان جو نہ چرخو چلي،
وفا ڪان اسين، پاڻ ويٺا پلي.
ڇپيا عام اخبار ۾ اشتهار،
وفا جي ڪري ڪونہ بيهر پچار.

## در بيان شڪر

اسان سان اهو آهي، لاڳو نہ ”رول“،
انهيءَ ڪي ڪيو قاعدي نا قبول.
وِهايون انهيءَ جو اسين ڇو عمل،
جو ورتو اسان آهي، محنت جو ڦل.
حڪومت، نعم، ناز، عيش و طرب،
اسان کي مليا، محنتن جي سبب.
ڪريون شڪر ڪنهن جو تہ ڇا جو سپاس،
ڪيو آ اسان پاس، ”مينو ڪلاس“.
ڏسو جن ڪيو شڪر، ڇا تن ورتيو،
جي محنت نتا ڪن، تہ درجو گهٽيو!
اسين حمد ويجها نہ اوڏا سپاس،
اهو امر بلڪل، بعيد از قياس.
ڏيون ”ٽينڪ“ پنهنجي ”ڊيوٽيءَ“ کي ٿا،
جي ”ڪنڊڪٽ، گُڊ“ آ تہ هٿن لهڻو ڇا.

## در بيان صبر

اهو زرد سگ تُنوَ، برادر شغال،
انهيءَ جي بہ ڳرندي، اسان وٽ نہ دال.
اهو پيي آتُنوَ، نسخہء جاهلي،
تہ ڪم همتي، غافلي، ڪاهلي.

ڏسو، صبر ۽ صبر باجنس هم،
اهو پي آئون، زهر جو چڻ ڪو قسم.

اها آ نبيڻن جي ڪوڙي سنتي،
سٺي ٿي انهن، پنهنجي سِرَ تي مٺي.

پلا ٿيندو، 'ايوب' ڪوري ڪنجا،
اسان جي ڪچي، سڀڪ توري ڪنجا.

مگر ڳالهه، هيءَ پوري ناهي ادا،
اهو کهڙو ڪُجهه هو، سو ڄاڻي خدا.

اسين آدمي، عالم اسباب جا،
وٺن تا سبب اهل ارباب جا.

اسين چو ڪريون، صبر، ڏندا، ڏتا،
'پڇي ڊاک کي نا چئون، ڏنو ڪٿا!؟

توڪل سان گڏ، صبر و شڪر و رضا،
اهي ٿئو فقيرن جا خيالي پلاءَ.

اسين سست چو ٿيون صبوري مزاج،
جو هر درد جو آهي، پيدا علاج.

تڏهن درد ويندو، جڏهن ٿي دوا،
ڀڄو، نا ڏٺي ماٺ، روئڻ بنا.

تون هڪ فلسفيءَ جو بجا آڻ فرض،
ته تو، صبر ۽ شڪر جو ڪهڙو غرض.

## در بيان راستي

هي سنڌي نمونا، ڪٿان تو وَتا،
جو چارئي لڳو لڳ بَلا تي بَلا.

وفا، شڪر ۽ صبر ۽ راستي،
جفا، قهر، ۽ زهر جان ڪا سٽي.

اهي غير جنسون نہ قابل شنيد،
اسان وٽ نکي ديدهٔ دهر ديد.
مروّج نہ موزون موسوم آهہ،
مقامن ۾ رهندي، اها بوم آهہ.
لکيو آ نہ کنهن انگريزي لغت،
نہ کا 'ڊڪشنري' ۾ ثبوتي صحّت.
پراڻيءَ سنڌيءَ ۾ اهو لفظ سچ،
اسان جي تہ ٻوليءَ ۾ کوئين کچ.
اکي هو اهو جانور، خورش عام،
اسان وٽ تہ هاڻي ٿيو آ حرام.
پڇون ڇا انهيءَ کي جو آهي عدم،
نہ جنهن ساڻ مطلب، نہ جنهن ساڻ کم.
اجايو وڃايوسون ورقِ کتاب،
ڪرايوسون ٽائيم، پنهنجو خراب.
اسان جي انهن سان ملاوت نہ آهہ،
انهن سان ڪريون ٿا، اسين 'ڪُڊ-باءِ'!

# در بيان دروغ

اها، ها! هي نالي مٺو نامور،
اسان جو تہ 'لارڊ'، اسان جو تہ 'سَر'.
اسان جو هي ديوان صاحب دروغ،
لياقت، فضيلت جو آهي فروغ.
هي مشهور معروف اوصاف ۾،
هتان ڪان وني ڪوهہ تا قاف ۾.
هي 'ڪئونسل' زماني جو 'ممبر' مشير،
هي 'لوڪل ڪمشنر'، هي 'پبلڪ' سفير.

وڏي هن جي شوڪت، وڏو هن جو شان،
وڏي هن جي عزّت، وڏو هن جو مان.
چيئرمين، سوسائٽيءَ سنڌ جو،
رڪن، نيشنل ڪانگريس، هند جو.
جي ڪورٽ ۾ تان، هن جي ڪرسي مٿي،
سِول ۾ سندس آهي، سَرسي مٿي.
هي آهي وڪيلن سندو رزق روز،
اصيلن ۽ دزدن سندو، درد دوز.
سڀئي قاعدا، 'ڪوڊ' هن جا مطيع،
سندس فيصلا، 'سرڪلر' سڀ وسيع.
هي زينت دهنده زمين و زمان،
هي رونق كننده مكين و مكان.
اسان جو وظيفو، اسان جو عمل،
اسان جو 'رمارڪ'، اسان جو رمل.
اسان جي 'ٽريءَ' جو ته 'ايڪسٽرا'،
اسان جو ته 'بِل' آ، اسان جو ته 'لا'.
اسان جو ته آهي، وڏو ماسٽر،
اسان جو ته 'جنرل'، بڙو ڊاڪٽر،
اسان جي تدابير جو رهنما،
اسان جي تجاويز جو پيشوا.
اسان جو مدارج، اسان جو مدار،
اسان جو وطيرو، اسان جو وقار.

## در بيان گردش فلک

ڪيو هاڻ 'سرويس بنڪ' تي نظر،
تفاوت ڪيڻي، قوم جو ڪيو پڌر.
مسلمانَ، هندن ۾ آڏيو تميز،
ته ڪيئن پست هي ٿيا، ته ڪيئن هو عزيز.

لقب، واه "ديوان صاحب" وٺيو،
نـنـڍو وڏو "راءِ صاحب" بـڻـيـو.

ڪيائون ترقي تہ تعليم ۾،
پڪڙجي ويا، ساري اقليم ۾.

جو هڪڙا تہ جج ۽ اسسٽنٽ ٿيا،
ڏسو هڪ تہ 'بئريسٽر، ايٽ لا".

جو هڪڙا تہ ڊپٽي ۽ مختيارڪار،
تہ هڪڙا ڪليڪٽر جي دفتر مدار.

جي هڪ هيڊ منشي، تہ پيا اوورسيئر،
جي هڪ سپروائيزر تہ پيا انجنير.

جي هڪ سب رجسٽرار تہ پيا فوجدار،
سِول جا ڪي ناظر تہ سررشتہ دار.

جي هڪ ماسٽر تہ پيا ڊاڪٽر،
تہ هڪڙا وري، سب انسپيڪٽر.

جي هڪڙا پليڊر، تہ پيا پبلشر،
جي هڪڙا منيجر تہ پيا ايڊيٽر.

جي هڪڙا ڪلارڪ تہ بابو پيا،
تہ 'فارسٽ" جا ٺيان، آفيسر ٿيا.

جي هڪ ڊڪ منشي، تہ پيا تپيدار،
تہ هڪڙا سلحدار يا ٺاٺيدار.

مڙيون ئي آفيسون، انهن جون خريد،
ٿين ڪونہ ڪاتو ڪو عهدو بعيد.

ڏسو قوم پنهنجي جو هاڻي نمط،
اول تان پڙهو، بسم الله، بر غلط.

افيسر جي مٿس مٿس ٿيا چار-پنج،
اهي ٿيا اسان لئي، غنيمت ۽ گنج.

انهن کان سوا، ٻي ڪريون، هاڻ ڏوڻ،
مسلمانَ منشي، ته آئي ۾ لوڻ.

جو هڪڙا، عمر تائين اميدوار،
نهايت ته ڏڪ-بند، يا تپيدار.

جو هڪڙن ڪي ليسن، عريضي نويس،
ته پيا 'لاسٽ' منشي، سپاهي، پليس.

جو هڪڙا حوالدار، نائڪ نڪار،
ته هڪڙا خلاصي ٿيا ڪوتوار.

انهن ۾ به آهن، هندو، پائيوار،
جي ڪُٿبو ته تن جو زياده شمار.

وريو واهه، هندن جو وارو ڏسو،
پنهنجي قوم جو اڄَ سدارو ڏسو.

نڪا تن ۾ ڪي غيرت ۽ همت ٿئي،
ته پنُو، ڏوڙ حاصل هي نعمت ٿئي!

چون ٿا اسان لاءِ بس آهي، دين،
اهو عذر تن جو ڪڏهن ٻُڌ بو ڪين.

رکو دين پي ٿيو، اسان کان پري،
'ادھر کے ہوئے نا اُدھر کے ہوئے'.

هجي ديدنداري ته ڀيو چا گهرون،
مگر سُست آهيون نه اڳتي سرون.

ڏسو هي زماني جي گردش ۽ ڦير،
ته هو علم ڪنهن جو ۽ چاڙن ٿا ڪير.

خدايا اسان جو ڪو وارو وَراءِ،
ڪڍي غار غفلت مان، اڳتي وَڌاءِ.

## در بيان تكيه كلام

تون رک ڀروسو، پنهنجي دولت متي،
حكومت، نعم، ناز، حشمت متي.

وڏا بنگلا ۽ بنائج تون باغ،
برفتار، گفتار، عالي دماغ.

اسان جو ٿئي، فرق، هي فوت چيا،
اسان کي ماري، کندو موت چيا.

ملن جا هي دڙكا، خيالي خطر،
جي ساصل حكومت ته كهڙو حذر.

جي ڏڇيو ته ٿيندو نه هي كاربار،
خورد و پوش، يا عيش و عشرت، بهار.

کري وٺ، مزا تون، عجيب و غريب،
که ديده شود، ٿيو مرڻ يا نصيب.

غرض خوب پنهنجي تون هلندي هلاءِ،
ڀلي ماڻ موجون، ڀلي خوش هنڊاءِ.

## در بيان اهل جهان

گهٽائي ته صاحب، بهادر بلي،
گهٽا راءِ صاحب، دلي، بادلي.

گهٽائي ته ديوان اعظم عمل،
گهٽا مستر و بابو ۽ داس، مل.

گهٽا چند، ۽ سنگ، سي. ايس. ستر،
گهٽا، خان، مرزان، ميان، معتبر.

گهٽا ايس. اي، - ايف. اي، ايل. ايل،
گهٽائي ته بي. اي، گهٽا ڍنگ ڏيل.

گهڻا آنريري ته سيڪريٽري،
گهڻائي ته سيولن، گهڻا ملٽري.

گهڻا آنريبل، ته "جسٽس دي پيس"،
گهڻا سپرنٽينڊنٽ، ناظم پوليس.

گهڻا رئيس، سردار، پير و فقير،
زميندار، جاگيردار و اعليٰ امير.

وڃائن ٿا وارو، نغارو هڻي،
مگر آه بيٺي جي بازي ٻڻي.

## در بيان دل بستگي دوران

رکيج دل تون اولاد، احباب سان،
رکيج دل تون سامان، اسباب سان.

رکيج دل تون ناموس ۽ ننگ سان،
رکيج دل تون هر راڳ ۽ رنگ سان.

رکيج دل تون، دولت سندي دامَ سان،
رکيج دل تون بس، عيش و آرام سان.

رکيج دل سدا وَهٽ ۽ مال سان،
رکيج دل تون صحبت سندي زال سان.

رکيج دل تون خوراڪ، پوشاڪ سان،
ته دنيا سندي ساري املاڪ سان.

رکيج دل مٿي عشقبازي ضرور،
شراب و حقو، ڀنگ، فسق و فجور.

رکيج دل مٿي، ننڊ، غفلت مدام،
چڱي ۽ مٺي ڪي، نه ڏي تون سلام.

نه دنيا جي ڪيٽ ڪيٽ نه عقبيٰ جو ڏر،
سيڏوئي سيڏو کول دوزخ جو دَر.

## خاتمهء كتاب

خدايا هيءَ جيڪو چيو تم تباهه،
ڪيو تم، پنهنجو منهن ۽ ڪاغذ سياهه.

ڏيکاريم جي اقوال، افعال سڀ،
اهي خاص منهنجا ٿيا اعمال سڀ.

قسم آهي، تنهنجو تہ ناهي ڪو شڪ،
سيئي عيب مون بد آئي يڪ بہ يڪ.

هئو حال جيڪو سو ظاهر ڪيم،
مٿي عيب ماڻهن ڪي ماهر ڪيم.

اگرچ ڪجهو ناهي، توکان ڪو غيب،
تڏهن بہ ڪيم عرض توکي هي عيب.

تون ستّار آهين، ڏي مون کي پناهه،
تون غفّار آهين، عفو ڪر گناهه.

جو اقرار پنهنجا ڪيم سارا ڏوهه،
تہ ڪر معاف مون کي نہ رک ڪو ستوهه.

رکي آهه 'چارج'، ڏيان ٿو بچاءُ،
محمد وسيلو ۽ ان جو وياءُ.

شفاعت انهن جي ڪرين تون قبول،
مون کي دين و دنيا ۾ ڪر حصول.

ڇڏي ڏي هيءَ، قيدي، گنهگار بد،
ڪرم ساڻ پنهنجي ڪري 'ڪيس' رد.

ٿئي فيصلو تنهنجو هن پر رقم،
تہ تنهنجي قهر تي آ غالب ڪرم.

شفاعت جو توکان وٺي 'سيڪشن'،
ڇڏائين مجابي ڇٽن ۽ پنجن.

مسلمان پيارا جي آهن عزيق،
انهيءَ ڏوهہ واهر ۾ مون سان رفيق.

خدايا تون سڀني کي بخشج تمام،
بحرمت محمد عليہ السلام.

اسان کي بہ گهرجي، ادا کو پرم،
خدا وٽ تہ گهٽ ناهہ رحم و ڪرم.

ڏسي هي متيان، عيب وارا بيان،
رکون کو ادا عاقبت جو ڌيان.

نہ مون ۾ رکيو آهہ پولو اهو،
سڄي خلق ۾ آهہ رولو اهو.

اگرچ گهڻا، نيڪ ڪردار هين،
مگر ڪنهن نہ ڪنهن ۾ گرفتار هين.

پنهنجا عيب سڀڪو ڏسي تو سگهي،
ڏسي نہ، تہ هي اعمالنامو پڙهي.

اسان جو چوڻ، وس پڌڻ کم سندن،
پڌي پو، عمل پاڻ ڪن يا نہ ڪن.

پڙهي روز هي، تازيانو رکو،
نہ هڪدم ڏسي، زير زانو رکو.

هي ڪِلَ مسخريءَ ۾ نہ آڻيون شمار،
مگر هي ڏسي ٿيون گهڻو شرمسار.

چوڻ جو چوڻ، ڪِلَ جي ڪِلَ آهہ،
عمل ۽ ڏڪا، لئي وڏي ڏل آهہ.

رکو ڪِلَ چئي، ان جو فهم آهہ ڪم،
پسي حال ٿئي، غور واري کي غم.

جي چاٿون تہ جنسي آئو جام جم،
ڏئي تو جو ڪائي سڪندر جو ڪم.

ڪڍيم ساري دنيا جو نقشو شفاف،
تہ اخلاق فاسد جو ’فوٽو گراف‘.

گدا ڪان وٺي تا بہ شاھ و اسير،
سڀئي ھڪ نہ ھڪ باب ۾ ھين اسير.

اگرچہ سڏائن سعادت مآب،
تہ پي ڪنھن نہ ڪنھن باب جو ٿن عتاب.

ڪيون ڪوڙ دل سان تہ چاڙون صحيح،
ٿي ٿيون پشيمان صالح صريح.

ظرافت ۾ آندم، نصيحت تمام،
جو پنھنجا ٻين ڪان ڏٺم، عيب جام.

سجي خلق جو اڄ ڦري ويو خيال،
ھي پنھنجو انھن سان آندم مثال.

اھو آھ لائق، جو عبرت وٺي،
ڏسي عيب پنھنجا، نصيحت وٺي.

سنواريون، سڌاريون، ھي عادات خام،
سنڀاليون اسين پاڻ پنھنجو سدام.

اسان پنھنجو ايمان، ٻوڙي ڇڏيو،
دنيا جي پٺيءَ، دين، لوڙھي ڇڏيو.

اسان کي بلا ھن ڪيو مبتلا،
بہ فرياد برداد رس، ياخدا.

وسيلا، اسان جي اڇي واھہ ڪر،
تون گمراھہ کي برسر راھہ ڪر.

سين مومن کي تون رک اي رحيم،
ھدايت، سعادت، سٿي مستقيم.

اھي روز واڪا ڪيم، سربسر،
ڪريان ھاڻ ٿو، قصہ مختصر.

نهم (٩) ماه ذيقعد، جي هيي ڪتاب،
۽ هو سن تيرهن سو تيرهن حساب.
(١٣١٣هه)

مطابق تہ ٽيويهين (٢٣) اپريل جي،
هئو سال ارڙهن سؤ ڇهانوي.
(١٨٩٦ع)

خمس ڏينهن، ڪيم، هن سندي ابتدا،
ظهر وقت، ۽ ٽين بجي، مهل سا.

ڪيم هڪڙي هفتي ۾ ٺاهي تيار،
هئو حال حاضر سو آندم بہ ڪار.

سليس، سنڌي، بي تڪلف بيان،
سکڻ لاءِ ڪجهه حاڪمائي زبان.

مروّج، مٺي ۽ سلوڻي، سچي،
جيم شعر ۾، پو پڪي يا ڪچي.

جو شاعر ٽيس، ''نيم تر'' ان سبب،
سلوڪن سخن کان معافي طلب.

اي ''بلبل'' ٿي خوش آهين گوهر نگار،
رحيما هي تنهنجي رهي يادگار.

---

نوٽ: ''رحيما''، ڇاپو پهريون، ١٨٩٦ع، وشن ليٿو پرلنٽگ پريس، ڪراچيءَ جي ڇاپيل نسخي تان ورتل ۽ درست ڪيل. --مرتب

# متفرقات

# حمد و مناجات

## توحيد

اهو خالق جملهٔ ڪون و مڪان آهي،
اهو رونق ڪاروبار جهان آهي،
اهو سڀ جو رزاق، روزي رسان آهي،
اهو حل ڪُن مشڪل جانستان آهي:
اهو سڀ سندو مُونس و يار سمجهو،
اهوئي معاون، مددگار سمجهو.
خدا جي آهي سلطنت جاوداني،
هلي خاڪ تي سندس حڪمراني،
سندس ذات آ پاڪ، حادث نہ فاني،
نہ ڪو جوڙ تنهن جو، نہ شاني نہ ثاني:
ڏسو جا بجا، جلوهٔ فضل رب آهہ،
غفور الرحيم ان جو لائق لقب آهہ.
اهو هڪڙو آ ساري عالم ۾ فائق،
اهو هڪڙو آ مشڪل ڪشائي خلائق،
اهو هڪڙو آ پنهنجي قدرت جو شائق،
اهو هڪڙو آهي، عبادت جي لائق:
نهان آهہ ڪثرت ۾ وحدت جو جلوو،
ٿيو هرسو عيان آهي، قدرت جو جلوو.
اهو باغ ۾ گل، اهو گل ۾ بو آهہ،
اهو باد و آتش، اهو آبجو آهہ،
اهو خندهٔ غنچہ خنده رو آهہ،
اهو نغمهٔ طوطي، خوش گلو آهہ:
بهار ان جي قدرت جو باغن ۾ آهي،
شميم خدائي، دماغن ۾ آهي.

# جلوه قدرت

هر بَرَ ۾ بازز ۾، هر بَحر ۾، هر بَنَ ۾،
هر جهنگ ۾ هر رنگ ۾، جبلن ۾، گلشن ۾،
چا لالہ و لونگن ۾، چا سنبل و سوسن ۾،
چا نرگس و نسرين ۾، سَبزن ۾ نخلن ۾:
چا غنچو تہ چا گل آ، چا رنگ تہ چا بو آه،
جلوو تنهنجي قدرت جو اي قادرا هرسُو آه.

معشوق ۽ عاشق تون، تون شمع، تون پروانو،
محڪوم تون حاڪم تون، دانا بہ تون، ديوانو،
ڪِٿ عالم، ڪٿ صوفي، ڪٿ مشرب رندانو،
خمخانہء هستي ۾ چڙهي، جلوهٔ مستانو:
جا شئي ٿي ڏِسي مان مان، سا "تون تون" هو هو آهہ،
جلوو تنهنجي قدرت جو، اي قادرا هرسو آ.

ڪنهن عشق جي ڪوچي ۾، رستو نہ هجي تنهنجو،
ڪنهن آئنہء دل ۾، نقشو نہ هجي تنهنجو،
سا دل نہ هجي، جنهن ۾، جلوو نہ هجي تنهنجو،
سا اک نہ هجي، جنهن ۾، غمزو نہ هجي تنهنجو:
چا زشتي ۽ چا خوبي، چا خواهش چا خو آهہ،
جلوو تنهنجي قدرت جو، اي قادرا هرسو آهہ.

هستيءَ ۾، مستيءَ ۾ چا وحدت و ڪثرت ۾،
چا ذلّت و عزّت ۾، چا عيش ۾ عشرت ۾،
دولت ۾، نڪبت ۾، سيرت ۾، عسرت ۾،
عبرت ۾، فطرت ۾، غيرت ۾، حيرت ۾:
چا مومن چا هندو، چا برهمن و بابو آهہ،
جلوو تنهنجي قدرت جو، اي قادرا هرسو آهہ.

هر اسمي، هر جسمي، هر رسمي، هر جِنس ۾،
هر ڪَو ۾، هر سَو ۾، هر راهه ۾، هر ڳَس ۾،
هر وَس ۾، بيوَس ۾، هر ڪَس ۾، ناڪَس ۾،
هر رنگ ۾، هر سُر ۾، هر تانَ ۾، هر رَس ۾:
چا توب جي ڏان ڏان، چا بندوق جي ڏو ڏو آهه،
جلوو تنهنجي قدرت جو، اي قادرا هر سَو آهه.

## ذات الاهي

الاهي، نڪتہ دانِ علم و دانائي، هنر تون آن،
خدايا نطق آرائي، زبانِ هر بشر تون آن،
سُخَن پرداز، جانٓ پرور، حڪيم نڪتہ ور تون آن،
رڳي بس روح جو رايو، انهيءَ ۾ جلوه گر تون آن:
مه و خورشيد ٻنهي روشن دلائل، تنهنجي قدرت تي،
گواهي ٿو ڏئي، ذرّي ۾ ذرّو، تنهنجي صنعت تي.
زماني کان ٻڌو آ مون، زمين تنهنجي، زمان تنهنجو،
فلڪ تنهنجو، ملڪ تنهنجا، بشر تنهنجا، جهان تنهنجو،
سَمڪ کان تا سَما، اي صانع ڪون و مڪان تنهنجو،
سريرِ عرش تنهنجو، فرش تنهنجو لامڪان تنهنجو:
اَبد کان تا اَزَل هوندين، اَزَل کان تا ابد تون آن،
الاهي ساري عالَم ۾، احد تون آن، صَمد تون آن.

## تون آن

عالم الغيب، اي خدا تون آن،
خالق الارض و السما تون آن.
ساري عالم جي مدّعا تون آن،
نيڪ و بَد سڀ جو دلربا تون آن.

تون آن سرمو ۽ توتيا تون آن،
رنگ تون، غازه تون، حنا تون آن.

داغ تون، درد تون، دوا تون آن،
زيست تون، مرگ تون، قضا تون آن.

عسُر تون، يسُر تون، غنا تون آن،
فقر تون، فاقہ تون، سخا تون آن.

نالہ تون، آهَ تون، بڪا تون آن،
هست تون، حيّ تون، بقا تون آن.

ويچ تون، سور تون، شفا تون آن،
ناز تون، سور تون، شفا تون آن.

## حمد

هر وقت حمد گهرجي، اي ذوالجلال تنهنجو،
قدرت جو ڪارخانو، آهي ڪمال تنهنجو.

هرهڪ صفت ۾ آهي، ذاتي ظهور ظاهر،
ساري جهان ۾ آهي، جلوو جمال تنهنجو.

سو سَر نہ آهہ، جنهن ۾، تنهنجي ڪشش نہ آهي،
سا دل نہ آهہ جنهن ۾، ناهي خيال تنهنجو.

جنّت چون ٿا جنهن کي، جيڪو ٻجهي جهنّم،
هو آ جمال تنهنجو، هي آ جلال تنهنجو.

معبود، عبدُ وچ ۾، هستي، حجاب آهي،
پردي ۾ ٻحر جي آ، گويا وصال تنهنجو.

قالب ۾ نقدُ جانُ آ، دل ۾ متاع ايمان،
هو ٻي سندءِ امانتُ هي ٻي آ مال تنهنجو.

دير و حرم ۾، شيخ ۽ زنار بند کي سودا،
قاريءَ کي قال تنهنجو، صوفيءَ کي حال تنهنجو.

ادراڪ کان منزّہ، آ ذات پاڪ تنهنجي،
ڪونهي مثال ۽ سَتُ، اي بيمثال تنهنجو.
رزاقَ رزق سڀ کي، تو ريءَ گهرئي رسائين،
سڀ جو سوال توکي، سڀڪو عيال تنهنجو.
اهڙو سخي جو بخشي، بديون، بلاعوض تو،
سو ڪٿ سٽي نہ سائين، ”بلبل“ سوال تنهنجو.

## ياد اللّٰه ڪر، دم بر دم

رک وحدت جو عشق خرم،
ڇاڻ صفات کي ذات ۾ ضم،
سارو عالم، آهہ عدم،
ڪنهن جي شادي، ڪنهن جو غم:
ياد آلہ ڪر، دم بردم.

هردم، هرجا، هو حق ڄاڻ،
آڻِ نہ وچ ۾ پنهنجو پاڻ،
اسم جسم جي تانگهہ نہ تاڻ،
وصُل فصل جو لاهہ وَهم:
ياد آلہ ڪر، دم بردم.

واجب آهي، هيڪ وجود،
ممڪن ناهي، ٻيو موجود،
سوئي عابد، سو معبود،
سوئي قطرو، سوئي يم:
ياد آلہ ڪر، دم بردم.

وحدت مان ٿي ڪثرت بازي،
غير نہ پائيج، ڪوئي غازي،
صانع جي ڪل، صنعت سازي،
قدرت جو ڪل آهي ڪم:
ياد آلہ ڪر، دم بردم.

تون ۾ مان جي وار، نہ وائي،
سڀ ۾ آهي ذات سچائي،
ايکو ايک نہ ٻول ٻيائي،
هرکو آهي، حق سان هم:
ياد الله کر، دم بدم.

آدم، سير الاهي آهي،
حاصل منصب شاهي آهي،
تو ۾ حق آگاهي آهي،
دل جو اعليٰ عرش آتم:
ياد الله کر، دم بدم.

ناکس آهين، منجهہ ناسوت،
منزل ماڻ وڃي ملکوت،
لوک لتاڙي، لنگهہ لاهوت،
قابو قابو کڻج قدم:
ياد الله کر، دم بدم.

جسم ۾ مور نہ رهہ محدود،
بيوس، بيکس، بي مقصود،
ملکن جو تون آن مسجود،
ايڏو توتي قرب کرم:
ياد الله کر، دم بدم.

"بلبل" آهين، پل، مهمان،
تنهنجو هي نہ مکان، زمان،
اصل وطن جو ڏار ڌيان،
فکر فنا جو رکج فهم:
ياد الله کر، دم بدم.

# نعت سرور كائنات

## (شان رسالت)

### تضمين بر غزل قدسي رحه

مشڪ، عنبر سان ملیان وات نہ ٿئي پاڪ تبي،
اسم آطهر جو وٺڻ آهہ بخود، بي آدبي،
بِسمِ اللّٰه ڪري، وصف، ڪريمن جي ڪبي:
مرحبا، سيّدِ مڪّي، مدني العربي،
دل و جان باد فدايت، چہ عجب خوش لقبي.

سونهن سيّد جي سچائي نہ ڪو، قادر جو قسم،
حسن ۾ حضرتِ يوسف نہ هنيون، حورن دم،
سنهنجي خواجي تي خدا، خوبي ڪئي، ختم ۽ تم:
من بيدل بہ جمالِ تو عجب، حيرانم،
اللّٰه اللّٰه، چہ جمال است، بدين بوالعجبي!

ذات تنهنجيءَ ۾ ظهورو آ سڄو نورِ خدا،
ڪيئي حيران، هجي ويا تہ هئي حڪمت ڇا؟
ڪن چاتو آ، اوهان ڪي ۽ خدا ڪي نہ جُدا:
نسبتي نيست، بذاتِ تو بني آدم را،
برتر از عالم و آدم، تو چہ عالي نسبي!

نورِ وحدت سان جڙيي آهہ سندءِ پاڪ سرشت،
ساري اُمت جي خبر توکي هجي، زيبا، زشت،
دستِ قدرت ۾ ڏنئي داور، دوزخ ۽ بهشت:
شبِ معراج، عروجِ تو از افلاڪ گذشت،
بہ مقامي ڪه رسيدي، نہ رسد هيچ نبي!

قرب قادر جو آتي جامُ، جتي تنهنجو قيام،
سورَ، تن دور ٿيا، جيڪي پيا تنهنجيءَ سام،
وسَ وسنديون ٿيون، چوڏار، سندءِ چائي چام:
نخل بستانِ مدينہ، ز تو سرسبز مدام،
زان شده شهرهٔ آفاق، بہ شيرين رطبي.

تو ڪيو مٿلڪ منوّر، ڪري ضايع ظلمات،
همّتَ ۾ تنهنجي اي هادي، ٿي نيڪارن جي نجات،
عاصين ڪي بہ چڏائيندين، ڏهاڙي عرصات:
ما هم تشنہ لبانيم تونئي آبِ حيات،
رحم فرما ڪه ز حد مي گذرد، تشنه لبي.

## عشق محمد

(تضمين بر غزل مولانا جامي رحہ)

عشق احمد جي جنهين چوٽ چکي، چاٽ چٽي،
سو چٽو غير غمن کان پيو منجهہ، عين عشي،
بَرَ وڏڪار ۾ ووڙيندو وتي، جٺن وحشي:
لي حبيب عربي، مدني قرشي،
ڪه بود درد و غمش، مايہء شادي و خوشي.

هي آتم آسون اميدون تہ مديني ۾ مران،
گهور گهايل کي ونهيون گهوٽ گهرائيندو گهران،
ستو ڪوهن تي. رهي سنڌ ۾ ڪارائي ڪران:
گرچہ صد مرحلہ دور است بہ پيش نظران،
وجههَ في نظري، ڪلّ غداة و عشي.

بات ۽ تات توهان جي ٿي رهي، ڏينهن ۽ رات،
ڪين ڊاڍي ٿو تنهنجي ڳالهہ ڳٽڻ، وائي وات،
قول ۽ فعل اوهان جو آ مٺا، قند و نبات:
مصلحت نيست مرا سيرہ ازين آبِ حيات،
ضعف الله، بہ ڪلّ زمان عطشي.

درياهه وحدت جو وهي، دل ۾ اهو نالو ندي،
ٿيو ذات واحد پاڪ مان، نروار نور احمدي،
جو ذات آن ۾ گم ٿئي، سالڪ ٿئي سو سرمدي:

من تن شدم، تو جان شدي، من تو شدم، تو من شدي،
تا ڪس نہ گويد بعد زين، من ديگرم، تو ديگري.

## جلوه مصطفائي

رخ نور، جلوهٔ مصطفيٰ هو،
خدا جو نور جلال هو،
جو تمام خلق ۾ ٿيو عيّان،
هي ڪمال ان جو ڪمال هو.

تنهنجي ذبح ۾ ئي اي ذي فنون،
لٿي پياس منهنجي ٿي حلق جي،
ڇا نہ آب تنهنجي هو تيغ جو،
اهو آب، آب زلال هو.

تنهنجي شوق ۾ مان تہ روز و شب،
رئندو رهيس، جهرندو رهيس،
سڄو ڏينهن رنج و ملال هو،
سڄي رات شوق وصال هو.

جڏهن عشق تنهنجي ڪيو اثر،
نہ رهي آ غير جي ڪا خبر،
نڪو جذب هو نڪو وجد هو،
نڪو تال هو نہ ڌمال هو.

تنهنجو آهي "بلبل" بي نوا،
رهي ان تي تنهنجو جي همّت شتها،
ٿئي شاهہ ملڪ جو سرورا،
جيئن عبد، تنهنجو بلال هو.

## رحمة اللعالمين

جو آيو رحمة اللعالمين، رحمت، جهان بنجي،
ظهورو ذاتِ حق جو ٿيو، نيهان بنجي، عيانُ بنجي.

مٿن هي دين ٿيو آتم ۽ هي اسلام ٿيو ڪامل،
ڪيائين مشڪلون آسان، امن بنجي، امان بنجي.

جڏهن زيبِ زبانُ اسهيا، آين تي، سيرَ جي ڪارڻ،
تڏهن چيا ساز ۽ سامان سان ويا آسمان بنجي.

شبِ معراج جي محفل، ملهائي مالڪن ڏس ڪيئن،
محمّد ميهمان بنجي، تہ مولا ميزبان بنجي.

پڇان نٿي پار پيغمبر، حجازين سان ملان هيڪر،
جوان بنجي، توان بنجي، روانُ بنجي، دوان بنجي.

رهانُ جي رب، حَرم نبوي ۾ حاضر، دَمَ حياتيءَ جا،
تہ خاڪِ آستانُ بنجي، منجهان سلڪِ سگان بنجي.

اوهان جي مدح خواني جي تہ صدقي، بي ثمَر "بلبل"،
ويو شيرين بيان، طوطي زبان، شڪَر دهان بنجي.

## شاهہ رسالت

محمد ميرِ مجلس، مالڪِ هردو سرا آهي،
شهنشاهہِ رسالت، شافعِ روزِ جزا آهي.

مٺي محبوب مدني جو پسي هي مرتبو عالي،
خدا مطلوبَ مڙني جو، هو مطلوبِ خدا آهي.

ڏسي محراب ابرو کي، ڏين سجدا جي سڪ وارا،
تہ چيا آهي، روا آهي، سزا آهي، بجا آهي.

سندن سڪ سوز فرقت ۾، دمادم درد، غم دل جو،
عطا صحت صفا آهي، دوا آهي، شفا آهي.

امان جي مير مرسل وٽ، سدا گڏ چئن يارن سان،
وِلا آهي، وَفا آهي، حيا آهي، سخا آهي.

گدائي بي نوا "بلبل" سندي، داتا سندءِ در تي،
ندا آهي، صدا آهي، دعا آهي، ثنا آهي.

## تمنائي دل

هر دوسرا ۾ شاها! شان خدائي گهرجي،
مولا مدد ۾ منهنجي، ڪرم مصطفائي گهرجي.

ڪوڙ ۽ ڪچو، ڪمينو، آهيان ڪثيف ڪاهل،
صدقي، صديق اڪبر، صدق ۽ صفائي گهرجي.

عادل عمر جو آهي، مون کي اجهو امن لئي،
صاحب حيا جي حرمت، حلم ۽ حيائي گهرجي.

ڪمتر کي ڪنهن به ڪم ۾، هرگز پوي نه مشڪل،
بهر علي، وليءَ جي، مشڪلڪشائي گهرجي.

در پنجتن جو پينو، پاڇي گهري ٿو پاڪر،
تنهن لاءِ ڪِنَ ۾ لنگهي ڪي، عفوو عطائي گهرجي.

گذري آ منجهه گناهن، سڀ عمر وئي اجائي،
آڏو ڪريم کهڙي، ڪنهن جي ڪمائي گهرجي.

آهي نه ڪم ڪريمن، ڪنهن جي عمل ڏسڻ جو،
حرف و حساب کان بس، راحم، رهائي گهرجي.

در مصطفيٰ جي دائم، "بلبل" گدائي گهرجي،
محبوب تنهن مٺي جي، مدحت سرائي گهرجي.

## مولود شريف

معراج هليو، سرتاج نبيؐ، ڪري ويس وڃا، وه واه ڀنو!
جبريل ٿو صدقي صدقي ٿئي، اڄ صلي علىٰ، وه واه ڀنو!

بيشما ملڪ فلڪ جا قطار ڪري،
نيوين، دُرج گهرَ جا نثار ڪري،
هڪبئي کي چئون، جيءُ جانِ فِدا؛
اي نورِ هدا، وه واه ڀنو!

جي ڪُل مُرسل موجود هئا،
آدم کان وٺي تائين عيسىٰ،
جنهن جنهن ٿي ڏٺو، تنهن تنهن ٿي چيو:
محبوبِ خدا، وه واه ڀنو!

تو قاب قوسين جو قرب لڌو،
۽ ادنىٰ جو اسرار آڌو،
اُت پردو ڪٿي حق هيئن چيو:
منهنجو ماهِ لقا، وه واه ڀنو!

گلزار خدائيءَ جو گُل گُل،
مقصود مڙني مخلوق جو ڪُل،
تنهنجو مدح سرا، مسڪين "بلبل":
بلبل جي صدا، وه واه ڀنو!

## خاتم النبيين

ٿيو ختم النبي خاتم، نبوت هئي ته اهڙي هئي،
مڙني مخلوقن تي مرسل، رسالت هئي ته اهڙي هئي.

مجو رحمت مجسم هو، شهنشاه شافعِ محشر،
جي رحمت هئي ته اهڙي هئي، شفاعت هئي ته اهڙي هئي.

## غزل نعتيہ فارسي

شهرۂ حسن تو از عالم افلاک گذشت،
زان بہ میزان فلک، زهره شرمناک گذشت.

آن مہ حسن، شبي بر اسپ ناز سوار،
صید دلهای بتان، بستہ بہ فتراک گذشت.

کس نہ دیدم ز دلیران جهان شیر صفت،
کہ که از کوچۂ آن قاتل بي باک گذشت.

بر سر کوی تو، ای ماه لقا گاه بہ بین،
آن کہ دیوانۂ تو، دامن صد چاک گذشت.

"بلبل" شاد کنون باش کہ درکشور عشق،
دست همت، تو چو از جان، سر افلاک گذشت.

## ديدار مدينہ

(اردو)

هے میرے دل کي تمنّا کہ مدینہ دیکھون،
خاتم ختم رسالت کا نگینہ دیکھون.

در پے سکھائے حرم، ساتھ زمین پر سو کر،
جیتے جي رفع سماوات کا زینہ دیکھون.

کنکریان، آنکھ کے پلکون سے رکھون چن چن کر،
خاکروبی سے خدائي کا خزینہ دیکھون.

اي میرے مالک مولا، مین ڈوبا جاتاهون،
بحر عصیان سے شها، پار سفینہ دیکھون.

گلشن کوئے حرم مین هو مزار "بلبل"،
آرزو هے کہ وهان، اپنا دفینہ دیکھون.

## قصیدہ تضمین برقصیدہ عربی

### در نعت

## حضور سرکار کائنات

کالشمس بضوء صباحته، کالقمر بحسن جمالته
الصبح بداء من طلعته، و اللیل دجیٰ من وفرته

آن بحر عطا، آن بحر سخا، آن نور خدا، شہ ارض و سما،
فاق الرسلا فضلاً و علا، اہدی السبلا لدلالته

آن والی ہر عربی عجمی، آن حاکم بر، حربی و ذمی،
کنز الکرم، مولا النعم، ہادی الامم لشریعته

باشرف و کمال و جمال نبی، محبوب خدا، امی لقبی،
ازکی النسب، اعلی الحسب، کل العربی فی خدمته

آن سید و سرور جن و بشر، اکسیر نظر، اعجاز اثر،
سعت الشجر و نطق الحجر و شق القمر و باشارته

آن شاہ رسالت ماہ ہدا، آن شافع نافع روز جزا،
نال الشرفا و لہ خلفا، عفوی، عمّا سلفا، من امته

لولاک لما کش تاج لوا، معراج عطا، شد قرب لقا،
جبریل اتی، لیلۃ اسری، و الرب دعاہ لحضرته

لیتبلغ ''بلبل'' مدحتنا فی شرف حضور وسیلتنا،
و محمدنا، ہو سیدنا، فالعزلنا لاجابته

## خاتون جنت

### (سرائکی)

یا بنت نبی، خاتون جنت، تون خاص کنیز الاہی،
تیکون آپ خداوند بخشی، کل عالم دی شاہی،

نـا ٿـيـوان محتاج کهين دا، رکـّو دامن لائـي:
صدقي صدقي، سائنءِ ٿـيـوان، پـاڪ نبي دي جائي،
کهِين خبران، بر دے در دے ديان، حسن حسين دي نائي.

# اصلاحي شعر و شاعري

## جذبات عرفاني

ڪڏهن جذبات عرفاني، نہ ڪنهن جاهل ۾ رهندا، هـين،
مگر هي، قال ۽ احوال، ڪنهن قابِل ۾ رهندا، هـين.

نہ ڪائي چيز دنيا ۾، چڱائيءَ کان هجي خالي،
هي نظارا نوان، بس، ديدهٔ ڪامل ۾ رهندا، هـين.

هُنَر يا فنّ سان، فوٽوگرافر جا ڪيي سکهندو،
تصوّرَ هي، دماغِ شاعر و فاضل ۾ رهندا، هـين.

جنين کي خبط آهي، خال و خط، ابروئے خوبانؔ جو،
اهي شاعر سدائين، خنجرِ قاتل ۾ رهندا، هـين.

خوديءَ ۽ خودنمائيءَ کي تہ مردانِ خدا ڪيئ ندا،
جي دانستہ ۽ ديده صورتِ سائل ۾ رهندا، هـين.

خدا رزّاق آهي، ڪيئ تون"بلبل"فڪر روزيءَ جو،
اهي پي پيٽ ٿا پالين، جي آب و گِـل ۾ رهندا، هـين.

## سير و سياحت

دنيا جا دورَ دادا، گهر کان نِڪرُ تہ ڏسندين،
هر ملڪ جا تماشا، گهرَ کان نِڪرُ تہ ڏسندين.

آهـي سفر وسيلو، جـا فتح جا ظفر جو،
پرَ سيرَ تن ۾ صدها، گهر کان نِڪر تہ ڏسندين.

عالم سندا تماشا، ڪين جي تہ لاءِ آهن،
صحرا ۽ ڪوھ، دريا، گھر ڪان نيڪر تہ ڏسندين.

هر ملڪ جي ترقي، هر عهد جي حڪومت،
زر، زور، زشت وخوبا، گھر ڪان نيڪر تہ ڏسندين.

هن وقت ۾ سياحت، هڪ امر لازمي آهہ،
ان جي طلب، تقاضا، گھر ڪان نيڪر تہ ڏسندين.

ڇا ڇا ترقيءَ جا اسباب ڏيا جهانءَ ۾،
واپار، سلف، سودا، گھر ڪان نيڪر تہ ڏسندين.

ڪل ڪائنات جا ڪم، قدرت سندا ڪرشما،
گھمَر ويٺي ڪين ڏسبا، گھر ڪان نيڪر تہ ڏسندين.

جيسين سفر نہ ڪيندين، تيسين نہ مرد ٿيندين،
مردن سندا معرڪا، گھر ڪان نيڪر تہ ڏسندين.

بيڪار ويٺي ويٺي، ڪجھ بہ پي نہ ٿيندو "بلبل"،
باغ و بهار بابا، گھر ڪان نيڪر تہ ڏسندين.

## آفتاب عالمتاب

واہ پيارا، سج سونهارا،
چمڪن توکان، چنڊ ۽ تارا،
عالم جا هين توسان آرا،
ڪم ۽ ڪاريون، سارا بارا:
توسان سونهي، سارو منڊل،
تون آن هنڌر، تون آن هنڊل.

هندو، مجوسي، ٻئي پوڄاري،
توکي ليکن، ڪٿ اختياري،

آهين تون هڪ، ڪرّه ناري،
ڳورو ڳورو، ڀاري ڀاري:
تو ۾ خاص، خواص، رڪايل،
چڪّر، ڦيرا، گهمّرا، منزل.

پوکون توکان، آپجن نپجن،
ڦل ۽ ميوا، رَسَ ۾ رچَن،
نينگر ڏسندي، توکي خوش ٿين،
ڊوڙن، ڊڪن، نچن، ٽپن:
تنهنجي حرڪت ۾ آ برڪت،
ڪم ۽ ڪاريون، ڪثرت، ڪثرت.

واه ڙي سورج تنهنجي طاقت،
تنهنجي همت، تنهنجي شوڪت،
تنهنجي گرمي، تنهنجي حدّت،
آس ۾ تنهنجي ڪوسي شدّت:
توکان روشن جڳ آ سارو،
تنهنجي دشمن جو منهن ڪارو.

جاتي تنهنجو تڙڪو ناهي،
تاتي گند ۽ گچ مچ آهي،
مونجهه، مرض ات آيا ڪاهي،
بانس، بڙانس نه ويندي گاهي:
تنهنجي تابش، آهي تازي،
سڀڪو توکان، راضي بازي.

تون انڌاري دور ڪرين ٿو،
ڪارنهن ڪل ڪافور ڪرين ٿو،
سارو عالم، نُور ڪرين ٿو،
ماڻهن کي مسرور ڪرين ٿو:

اپرڻ سان تو سچ سچائين،
نندا وڏا، ناچ، نچائين.

اچا نکتي تنهنجي سيلي،
جاڳي سائين، پانهون پيلي،
هئي هئي تي وئي، مهل اويلي،
کهوڙا گهوڙا، علي، عيلي!
اتو اتو، جاڳو جاڳو،
ڊوڙو ڊوڙو، ڀاڳو ڀاڳو.

توسان آهي، هي جڳ جاري،
بادل، باري، باغ بهاري،
سبزي، ساوڪ، گل گلزاري،
تنهنجي منهنجي آهي ياري:
توکان تازا سوسن سنبل،
سون کان موزون، "آهِ بلبل".

صبح جو ويلو آ اربيلو،
سهڻو سهڻو سهڄ سويلو.
جاڳي، گابر، گاگن، گيلو،
ٻانيڻ، ملا، چاڪر، چيلو:
وچندا گهنڊ گهڙيال نفيلون،
ٻانگ صلواة جون ٻڌجن زيلون.

## رات

واه چا رات جي آيات، بيانات ڪيئي،
شبِ ظلمات جي هر بات ڪي اثبات ڪيئي.
سڀ حسنات ۽ سيئات ڪي عرفات ڪيئي،
منجهه طلسمات، خيالات، ڪرامات ڪيئي.

چو نہ پو چنجي، تہ "بلبل" هي نواخانيءَ ۾،
سيّد الشعراء، سيّد کي سخندانيءَ ۾ (۱).

# احساس ملت

ڪنهين کي اڄ ڪشش قومي ڪمن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي،
دلين ۾ آهي جيڪي، سا ڏَهن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي.

بنائڻ قوم کي اسلام جي احڪام تي قائم،
مٿيان، اهڙي مسلمان جي مَنَ ۾، ڪانہ ٿي ڏسجي.

سچي تحريڪ، تهدل سان هجي، جا قوم جي ڪارڻ،
نہ ڪنهن اخبار ۾ يا انجمن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي.

نہ پيرن ۾ رهي پيري، نہ فقراء ۾ فقيري آهہ،
عمل ۽ بي ريائي، عالمن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي.

وڏيرن کي هجي وائي، رکو ڪوڙيءَ وڏائيءَ جي،
اها انصاف جي اک حاڪمن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي.

اچي ڪيئن موعظة بالحسنة وَ حڪمہ، ڪرڻ هائي،
اها وائي، سچائي واعظن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي.

جي دنيا سان رکي دل، دوستي تا دين جي وڪڻ،
محبّت پنهنجي ملّت جي، مُلّن ۾ ڪانہ ڏسجي.

ويا حڪمت هلائي، طمع جا جي کين ها طالب،
شفا تن جهڙي، اڄ ڪنهن جي هٿن ۾ ڪانہ ڏسجي.

ٿي آهي جوٽ سڀ جوتش، سمرتي ناهي ساڌن ۾،
سچائي، برهمڻ جي ست-پچن ۾ ڪانہ ڏسجي.

---

(۱) "رات جي بات" سيد شاهنواز شاہ. ٺڪڙائيءَ جي ڪلام تي، تهنيت ۽ مبارڪ (بلبل).

خبر دين و ڌرم، اخلاق ۽ آداب جي هرگز،
اها ڪاليج ۽ پڻ مدرسن ۾ ڪانه ٿي ڏسجي.

نه ڪنهن مجلس مشائخ ۾، ادا ٿو معرفت جي آهه،
جمع دل، قلب جي راحت، ڪنهن ۾ ڪانه ڏسجي.

رهن شيخ و برهمن، شغل دنيا ۾، مگر خالص،
عبادت، مسجدن ۽ مندرن ۾ ڪانه ٿي ڏسجي.

اجالو عقل ۾ ناهي، نه اڄ جي علم ۾ اوجر،
فضيلت فائدي جي، علم و فن ۾ ڪانه ٿي ڏسجي.

نئين تهذيب ۾ اڄ ماڻهوءَ جو ڪو نشان ڪونهي،
نصيحت ناولن ۽ ناٽڪن ۾ ڪانه ٿي ڏسجي.

نه يارن ۾ رهي ڪا يڪدلي، يڪرنگي، يڪرائي،
وفائي، دلبري، اڄ دوستن ۾ ڪانه ٿي ڏسجي.

وڏن جو ڪو ادب، ارڪان ناهي ناشناسن کي،
اها فرمانبري، فرزند و زن ۾ ڪانه ڏسجي.

ننڍا ٿيا نااهل ناڪس، نياڻا، بي حيا بلڪل،
پرائي پاڪبازي، اڄ نون ۾ ڪانه ٿي ڏسجي.

اڳي سَتَ ڏارين ۾ جا هئي، سڪ ساءُ، حبَ هاڻي،
اها مهر و محبت، مائٽن ۾ ڪانه ٿي ڏسجي.

هئي جا اجنبي ماڻهن جي الفت، پاڻ ۾ ايڪو،
اها ساڃاهه، ويڳن جي سڳن ۾ ڪانه ٿي ڏسجي.

نه ڪنهن جي نيڪ نيت آهه، نڪا خيرات جي خوبي،
زڪاتن جي ذري، زر، مال، ڏنَ ۾ ڪانه ٿي ڏسجي.

لکين ماڻهو، لکيا ها، لياقت ۽ فضيلت ۾،
سون جي سونهن سو پيا، اڄ ڏهن ۾ ڪانه ٿي ڏسجي.

بصارت جي وئي اک پورجيي، کان پيرويءَ پاڪنَ،
اکوٽي اوٽ انڌن جي، سڄڻ ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي.

مساوات ۽ مسلماني، شرافت ۽ نجابت سان،
ثقاهت ۽ وجاهت جي، وڏن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي.

جوانن ۾ هئي جا جوت، ڪلهہ طاعت ۽ تقويٰ جي،
اها اڄ پارسائي، پيرسنن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي.

سخاوت جي عوض، سادات سائل ٿي وتن پنندا،
اها پرهيز، آلِ پنجتن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي.

شغالن کي هئو جو شوق، هن ڪان اڪ شڪارن جو،
گواهي اڄ اها گرگِ ڪُهن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي.

رهيا من ۾ اسان جي اڄ، ڪدورت، ڪوڙ ۽ ڪينو،
صفائي صاف سينن جي، ٻڌن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي.

بهاريون، بوند، برساتون، سٿاوا سڀ سڪر، ساول،
اها برڪت تہ اڄ بحرن، ٻرن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي.

جنجل، جهيڙا، جنگيون، ڌاڙا، مسلمانن ۾ جي آهن،
عجب، اهڙي ڪا حالت، ڪافرن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي.

بهار آئي، خزان جي مٽ رهي، ڪيئن باغ ۾ "بلبل"،
اها خوش رنگي ۽ خوشبو، گلن ۾ ڪانہ ٿي ڏسجي.

## فنا

اي جاني، هي جڳ فاني تون،
ڪن سائين لوڪ، صدا، بابا!

هيءَ عمرروان تہ رواني تون،
آخر تہ فنا، هي، فنا، بابا!

گياني نہ رهيا، ڏياني نہ رهيا،
ڪٿي جوتش-لاٿاني نہ رهيا؛
ٿيا آخر سڀ فاني، نہ رهيا،
فانيءَ کي نہ آهي، بَقا، بابا!

ڏس، ڪهڙا شاهِ زمين ويا،
افسوس نہ تين جا باقي رهيا،
نہ نشانَ رهيا، نہ مڪانَ نہ مڪينَ،
بنگلا، بستانَ ۽ سرا، بابا!

نہ ڪو شاهہ رهي، نہ وزير رهي،
نہ ڪو دانشمند، دبير رهي،
نہ امير رهي، نہ فقير رهي،
هڪ رهندو پاڻ، خدا، بابا!

ڌن، دولت، خواب و خيال اٿوَ،
اقبال، ڪمال، زوال اٿوَ،
هيءَ ميلڪَ، پرائو مال اٿوَ،
پنهنجي نہ اٿوَ شئي ڪا، بابا!

هن دَم جو قدم هر، سوي عدم،
سڀ موت اکيان ٿيندا سرخم،
هي ناز، نعم، يا جاه و حشم،
ڪنهن ساڻ ڪندا نہ وفا، بابا!

هل هيٺون ٿي، ڪر هورو هڏ،
ڇڏ ماڙيون، ڪر نہ خزانو گڏ،
ٿئي آخر نيٺ اجل جو سڏ،
هيءَ ٽرندي ڪين قضا، بابا!

آهي سڀ جي قضا ۾ مرگِ بلا،
ادنيٰ، اعليٰ نه، ڇڏي، اصلا،

فقرا، اغنيا، شعرا، امرا،
حڪما، علما نه، ٻچا، بابا!

گلزار ۾ گل ڪين رهي،
هن باغ ۾ "بلبل" ڪين رهي،

هي غوغا، غلغل ڪين رهي،
نه ادا، نه ندا، نه صدا، بابا!

## خطاب به دل

اي دل تون مسافر آهين، دنياي دني ۾،
آ لطف وطن ڪهڙو، غريب الوطني ۾.
پرواني کي حاصل نه ٿيو، شمع کان هرگز،
جو لطف محبت جو هجي سوختني ۾.
ڪي گنج ۾ گم غرق ته ڪي رنج ۾ راضي،
ڏس فرق عيان آهه ڇا، محتاج و غني ۾.
دنيا کي ڪيئي ترڪ ته جائز نه طمعِ مال،
کيسا نه ٻڌاسون، فقرا جي ڪفني ۾.

## تجارت

گهڻو افسوس آ يارو، اسان کي پنهنجي حالت تي،
جو دلداده ٿيا آهيون، سدا يورپ جي عادت تي،
لباسن تي، ۽ فيشن تي، تمدن تي، طبيعت تي،
نه عزت تي نه دولت تي، نه محنت تي، نه صنعت تي:
ولايت جو هلي واپار، ۽ دولت اسان جي آهه،
سڀ ڏاڪي سندا محتاج! ڇا حالت اسان جي آهه.

نندين كي يا وڏن كي وات ۾ وائي ولايت آهه،
سوديشي ساز سامان كان سڀني كي نفرت آهه،
اسان ۾ كانء كا اهڙي حميت آ نه همت آهه،
جي ورتايون اسين ديسي شيون، كهڙي قباحت آهه:
ڏسو، ان كان سوا، سڀ چيز ورتايون ٿا ٻاهر جي،
گريبان ۾ نهاري، كي ڏسو، حالت ادا گهر جي.

اپت، پيداوري ۾، هي اسان جو ملك افضل آهه،
زراعت ۾ زياده روز اول كان سو اول آهه،
مگر هن ۾ جو عقدو آ، ترقيءَ جو سو لاحل آهه،
وڏايون ملك جي صنعت ته اهڙو حق حاصل آهه:
رڪاوٽ كين كي ان جي ٻٽي كا ٿي نهاني آهه،
اجايو بيوقوفن ۾ پٺي اڄ بدگماني آهه.

اجايا جي كيو ٿا خرچ، تن مان ڇا ٿئي حاصل،
توهان جو جنهن ۾ واڌارو ٿئي، ان ۾ رهو شامل،
ولايت مثل، پنهنجي ملك كي كيو، چونء ٿا قابل،
خدا جي واسطي، صنعت ۽ حرفت ۾ ٿيو شاغل:
ادا اڄ وقت ويهڻ جو نه آ، آرام راحت جو،
مگر آهي، زمانو هي، هنر، حرفت ۽ صنعت جو.

ٻنايو كارخانا، ۽ وڌايو فن و حرفت كي،
وڃايو ملك جو افلاس ۽ پنهنجي مصيبت كي،
كپايو ديس جي واپار ۾، ڌن، مال دولت كي،
ٻيائي ٻن وجهي، ايكو كريون، هاريون نه همت كي:
نصيحت هيءَ مجي منهنجي، هم هرجا هجو يكدل،
مسلمان يا هجو هندو، كه جاهل يا هجو عامل.

ادا ٿيندي پڇاڻي ڪا، اسان جي خواب غفلت جي،
رواجن جي ۽ رسمن جي، سچائيءَ جي، مصيبت جي،
ڪنڊئو ڪا قوم جي، يا ملڪ جي ملت جي حاجت جي،
ڪسب جي، ڪار جي، تعليم، حرفت جي ۽ صنعت جي:
حقيقت تي رکي بنياد، "بلبل" جو بيان سارو،
اوهان تي ٿي، اوهان جو حال، آ جنهن ڪيو عيان سارو.

## جماعت بندي

محمد جو فرمان آهي هدايت،
سندن قول آهي، سراسر سعادت،
موافق تي شايان آهي شفاعت،
مخالف تي لاحق آ لعنت، ملامت:
اطاعت ته سنت جماعت ۾ آهي،
اها خوبي، هن خير امت ۾ آهي.

جي ڪنهن جاءِ، اسلام جي انجمن آ،
ته او نور و عرفان جو گويا چمن آ،
اها رسم ٿي، پارسائي ڪهن آ،
جماعت، هدايت جو حبل و رسن آ:
هي مسلم کي الفت جو فرمان آهي،
اسان جو اهو دين و ايمان آهي.

هجي دين و ايمان، سرافراز ان ڪان،
ترقي ۽ دولت جو در، باز ان ڪان،
پرائي ٿو، انسان، اعزاز ان ڪان،
کُلي ٿو حقيقت جو سڀ راز، ان ڪان:
انهيءَ راز جو اتفاق آهي نالو،
اهو دين جو آهي، حلقو ۽ هالو.

انهيءَ ڪان جو چڙوا ڪب، آزاد رهندو،
بلاشڪ هو بني يار، برباد رهندو،
ڪڏهن ڪين دنيا ۾، دلشاد رهندو،
جو پنهنجن سان هڪ آ، سو آباد رهندو:
پڌو بات "بلبل" جي دل سان هنڊائي،
تو هر هر، اوهان کي، چتائي، سڻائي.

## مسلمان

اسان جو باصره، حيرت فزاي عقل و همت آهه،
اسان جو ذائقو عبرت فروش عام نعمت آهه.
اسان جو ناطقو آ، يا ڪليد گنج صنعت آهه،
اسان جا سامعو، گنجينهء صد راز فطرت آهه:
اسين چاٿون ٿا گرم و سرد کي، لمس انامل سان،
سڄاٿون باس يا خوشبوء ٿا، توفيق ڪامل سان.

دماغ آهي، اسان جو دابلو، هڪ راز قدرت جو،
انهيءَ جي خاني خاني ۾، تماشو آهه صنعت جو،
ڪوئي گهر،عيش جي منزل، ڪوئي خانو مسرّت جو،
ڪوئي ڪاشانهء خوبي، ڪوئي خانو محبت جو:
امانت چورخاني ۾، رکيو تس، نقد پنهان کي،
لکي پيشاني ۾ تس، پيش اچڻي آ جا انسان کي.

اسان جي شمع دل روشن، رکيل سيني جي اندر آ،
نيڙي چمني مثال آهي، ضيا افروز نيچر آ،
گلوب ان جي سٽان قابو، اسان جو ڪاسهء سر آ،
زبان ان جي، زبانهء روشني، نطق سخنور آ:
الاهي موم بتي دل سندي تو چا جلائي آ،
ولايت جسم جي، جنهن کان سدا روشن نمائي آ.

مگر سچ چئو مسلمانو! اسان ان کي سچاتو ڪٿي؟
خدا جي هيڪڙائيءَ جو اسان هي چاڻ چاتو ڪٿي؟
اسان، اسلام جي ملت ۾ آئسي پيچ پاتو ڪٿي؟
عبادت، عشق، عرفان ۽ نظارو، نينهن لاتو ڪٿي:
رسي هيءَ روشنائي سڀ، اسان کي آ رسالت مان،
ڪڍيو جنهن دين سان، دنيا کي ٻاهر ڪفر وظلمت مان.

اهو مالڪ رسالت جو، پيارو پاڪ پيغمبر،
محمد حامد و محمود، احمد، راحم و رهبر،
سچو مالڪ سڀاجهو، سيدؐ ۽ سرتاج ۽ سرور،
شفيع و شافعِ محشر، سخي و ساقي ڪوثر:
جهانؐ ساري ۾ "بلبل" نور جلوه گر محمدؐ جو،
محمدؐ، حقؐ جو مظهر ۽ حق، مظهر محمدؐ جو.

## گرمي

لفظ گرميءَ جو لکان ٿو ته قلم ۾ گرمي،
دل ۾ گرمي، دهن و ديده و دم ۾ گرمي.

گرم مس، ڪاغذ مضمون جي معنيٰ گرمي،
منجهه هٿن، پير، بدن، پوست، لحم ۾ گرمي.

نور ۾، نار ۾، هر خشڪ ۾، تر ۾ گرمي،
وڻج واپار ۾، هر ڪار ۾، ڪم ۾ گرمي.

باغ ۾، صحن ۾، گلزار و چمن ۾ گرمي،
گل و "بلبل" ۾، شجر شاخ ۾ نم ۾ گرمي.

---

آهي اڄ سونهن سراپاي صنم ۾ گرمي،
ناز و انداز ۾ ۽ دم ۾ قدم ۾ گرمي.

گل تي گويا هي، پکهر جو ٿو چڪي آب گلاب،
اک جي شوخيءَ ۾، سندءِ زير ۽ بم ۾ گرمي.

عود و عنبر ٿو جلي، آتش ِ گرمي ۾ عجيب،
زلف ۾، پيچ ۾، هر تار ۾، خم ۾ گرمي.

لب، سندءِ لعل بدخشان ٿو پڇي گرميءَ ۾،
دهن ۾، دم ۾ ۽ دندان ۾ ۽ غم ۾ گرمي.

همت هجي، چاڙ ۾، ۽ چيڙ ۾ گرمي ته هتي،
چوهه ۾ چڪ ۾ ۽ چڏ چڏ ۾، قسم ۾ گرمي.

آهي، "بلبل" جي بدائع ۾، بيان ۾ گرمي،
نثر ۾ نظم ۾، ڪاغذ ۾، قلم ۾ گرمي.

## يتيمن لاءِ امداد

اسان ۾ اي الله العالمين، ايمان پيدا ڪر،
اسان جي فارغ البالي‌ءَ سندو امڪان پيدا ڪر!

اسان ۾ خير جي ڪم جي خدا ڪا آن پيدا ڪر،
خدا، مرده دلين ۾ جود جي ڪا جان پيدا ڪر!

يتيمن جي ٿئي ياري، سندن ڪو غور غمخواري،
اهي وڻجار، واپاري، ڪي بازرگان پيدا ڪر!

وٺي ٻج واليتامي جو، تقاويءَ ساڻ تقوي جي،
جو پوکي پوک عقبي جي، اهو دهقان پيدا ڪر!

يتيمن کي ڪيو آ ياد، خالق گڏ قريبن سان،
ته تون پي پالنا جو گڏ، سندن سامان پيدا ڪر!

يتيمن جو ادا ڏاڍو ڏکيو آ درد بي‌سُهتو،
انهن جي درد ِ دل جو جلد ڪو درمان پيدا ڪر!

يتيمن تي رکي جو هٿ، خدا جو هٿ انهيءَ تي آهه،
عنايت ايزديءَ جي عونَ جو عنوان پيدا ڪر!

يتيمن لءِ "فلاتقهر" ۽ سائل لءِ "فلاتنهر"،
ڏنيءَ جي حڪم جو هر وقت، دل ۾ ڌيان پيدا ڪر!

خدا ڪا خير جي توفيق، بخشج اهلِ دولت کي،
يتيمن لاءِ يا ربّ، راهه ڪا آسان پيدا ڪر.

بچائين جي ادا پنهنجي تون ڪيشتي، بحرِ عصيان کان،
يتيمن جي سهاري ساڻ ڪشتيبان پيدا ڪر!

مبارڪ جي ڪرين تون مال دولت، خير و برڪت سان،
يتيمن ، بيڪسن جي دلبري جو دان پيدا ڪر!

يتيمن جي ڪري جو ياوري، تنهن جو خداوندا،
متاع و مال افزون، آل صالح شان پيدا ڪر!

"فتح" (١) آهي "محمد" جي، مبارڪ اسم سان شامل،
انهيءَ تحريڪ جو ڪو قدر، قيمت، مانُ پيدا ڪر!

يتيمن لءِ ڪراچيءَ ۾ آڏايو خوب ڪو خانو،
سکهو اي "سيٺ عبدالله (٢)" ڪو سامان پيدا ڪر!

ڇپر ۽ ڇانوَ ۾ ويهي، پڙهن، پَلجن، چِنا چورا،
دلين ۾ داورا، امداد جو ايمان پيدا ڪر!

يتيمن لءِ ٺهي خانو تہ سڀ آباد ٿين خانا،
انهن جي استعانت لاءِ ڪي انسان پيدا ڪر.

سخا جي سرّوَ جا صلصل ڏين صدقا اچي، "بلبل"،
بلاغت ساڻ تون تبليغ جو بستان، پيدا ڪر!

---

(١) حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ سيٺ حاجي عبدالله هارون ڏانهن اشارو، جن ڪراچيءَ ۾ يتيمخانو ٺهرايو.

## نئين تعليم

آه نئين تعليم ڪري، در جهان انداخته،
حرڪتون شيطان ڦري، در جهان انداخته.

عمر ساري، علم انگريزيءَ اندر پوري ڪري،
هر هنر اخلاق کي گهري، در نهان انداخته.

علم انگلش جو ڏسي، اڄ زور "بلبل" بيگمان،
عقل وارو خر ٿيو درتاب و توان انداخته.

---

گرچه ڪارو منهن اٿم، ته به ڪاڻ ناهه،
ڏوپلو پائي، حماقت ٿو ڪريان.

### ڪاري جو قول

عقل ۾ آئي شريعت کي تمام،
دين و ايمان، پنهنجو غارت ٿو ڪريان.

پل ته مرتد، هي چون، ملا مگر،
مان ته انگريزن ۾ عزت ٿو گهران.

لائي چشمو، چست چاڙهي، سوٽ بوٽ،
مثل صاحبلوڪ، صورت ٿو ڪريان.

### گوري جو جواب

گرچه آهي، تنهنجو مون کان سينو صاف،
ڪاري ماڻهوءَ سان ڪدورت ٿو ڪريان.

آ لقب لائق ٿيو تنهنجو، 'ڊيم فول'،
مان ڏيڻ توکي نه عزت ٿو گهران.

## حال زار زميندارن

جڏهانڪر پئي رسم سرسات جي،
نه باقي رهيس ڪوئي سامان نه رخت.

زميندار ٿي ويا، زبون زار چٽ،
چون چٽ ته کهڙو ٿيو آهه 'وخت'.

رعايا جون آهون ۽ دانهون سدا،
مڙيون، حاڪمن وٽ، وڃي، گرد تخت.

چوايو هي "بلبل" انهن ڏي آ قول،
'رعيت چون بيخ ست، سلطان درخت.'

## گشت جي مصيبت

تنگ سرسات ڪيو، بار الاهي مددي،
بٽ بيگر مددي، ڏنو ۽ گهوڙو مددي.

آهه ڪاموري سندي، هوڙ، حرامن ۾ تڪي،
انب، گدرا مددي، ٻڪرو ڪو موٽو مددي.

خوب ٿا گشت ۾ ڪن، پوچن، سرسات وٽي،
پوري حلوو مددي، پستو ۽ ڦوٽو مددي.

گهر ۾ آهي نه رعيت جي ڪو پائيي پيسو،
لٽ لوٽو مددي، صافو ۽ سوٽو مددي.

هيله پاٽي به نه آهي، جو سڱن ٿا پيجا،
سربرهنه مددي، صاف لنگوٽو مددي.

جو چوي سچ، سو وٺي ڪين ٿو هرگز "بلبل"،
ڏڪ باٽو مددي، ڳار ۽ گهوٽو مددي.

# ڪارن جي ڪارگذاري

ڪارن جي ٻڌ، ڪارگذاري،
'هپ هپ هري، هپ هپ هري.'
جنٽلمينن جلسا جاري،
'هپ هپ هري، هپ هپ هري.'
جايون تن جون، هال ۽ ٽاور،
چشما، فرش، فروٽ، فلاور،
لڪچر، پڪچر، ڊنر ڊاري،
'هپ هپ هري، هپ هپ هري.'
ڪاڻ وداع سلوٽ سلامي،
ٽوپي هٿ ۾، ٽامي ٽامي،
'آءِ. ايم. ويري ساري' پياري،
'هپ هپ هري، هپ هپ هري.'
باجو، بينڊ، بگل ۽ بڙگم،
وايولن جي رين رين، رم رم،
نچڪو ٽپڪو، واري واري،
'هپ هپ هري، هپ هپ هري.'
ڪوٽ سبائن سارو ڪارو،
ڊانس بوٽ، ولايت وارو،
ٽوپي ڪاري، سر تي ڪاري،
'هپ هپ هري، هپ هپ هري.'
ڏاڙهيءَ ساڻ ڏهاڙي جهيڙو،
مڇون گانگٽ، وڇونءَ ويڙهو،
سيٽي، لڪڙي، چرخ شماري،
'هپ هپ هري، هپ هپ هري.'

ڏرم ڪرم ڪي ايسي ويسي،
عادت انگلش مينن جيسي،
ديسين جي آ، ڏاري نياري،
"هيپ هيپ هري، هيپ هيپ هري."
گهر ۾ "بلبل" ڳائون ڏڪائج،
شام صبح جو واڪ وٺائج،
ٻانهن بغل ۾، سنهن تي چاري،
"هيپ هيپ هري، هيپ هيپ هري."

## وقت حال، نئون سال

هن اخبار کي سال مبارڪ،
گورن کي ناتال مبارڪ.

ڪارن کي 'يو، ڊيم بلڊي'، فٽول، لقب في الحال مبارڪ،
هارين کي هيٺ، ٻٽون بيگر، ڪوڙر، قحط ۽ ڪال مبارڪ.
زور زميندارن تي ڏاڍا، ضبطيون، ظلم، زوال مبارڪ،
هندن کي زر، زور، حڪومت، عزت، مال، اقبال مبارڪ.
اهل اسلام لئي ڏک ڏاڍا، ڪُٽيون، آل، عيال مبارڪ،
ڏڪا، ڏوٽا، مهٽا سهٽا، قرض جا رنج، ملال مبارڪ.
بيعلمي ۽ جهيڙا، جهٽا، جام ٽيا، جنجال مبارڪ،
انگلش مٺن کي جاڪٽ پاڪٽ، صابڻ، برش، ٽوال مبارڪ.
ناچ تماشا، نچڻ ٽپڻ، ڪرڪٽ ۽ فٽبال مبارڪ،
افسر عالي کي ٽيو اچڪلهه، دورو ۽ پڙتال مبارڪ.
مرغيون، ماکيون، مصريون ميوا، بيدا، ميدا، مال مبارڪ،
ڪوڙا ڪيس ۽ ڪوڙا شاهد، فتوي ٽي في الحال مبارڪ.
واهِ وڪيل ڪفيل لچن جا، ڏوڙي دليل، ڏمال مبارڪ،
ممتحن جي موت، معمٿا، سخت جواب، سوال مبارڪ.

هجن راکس اهـي رهـزن سپاهي سپ وڏا نِنڊيا،
انسپيڪٽر بهادر بـرڙ باکس جـان رکـن بـارو.
پلي پاڳئي ڏنو اطلاع جي چوري چڪاريءَ جو،
اچـي ٽيندو متي ان گنهگارين ويـڻ وسکارو.
يڪي نقصان مـايـہ پـيـو شـمـاتـت زار همسايہ،
ٽيون پـادر پُليسي پيو اچـي منجهہ ويل ويچارو.
گهرن ٽا گاهہ ۽ داڻو، آٽيو کاٺيون ڪڪڙ چيلا،
ڪرن ميڙي ڪَٽا ماڻهو وجهن تن جي متان مارو.
ڪڍيو جي پٺون پتو چوري سندو ڪو ڪن زميندارن،
تہ سـڏ بـو ڪار ۾ هوشيار صوبيدار سـوپـارو.
نہ ملندو مال ماڳيو يا سمورو جي نہ تن کي پو،
تہ ويکو پـاڻ پي پـوري پڌائيندا اهـو پـارو.
پري چالان ڪوڙو ڪيس ڪورٽ ۾ ڪندا داخل،
وجهي ڪوڙا سچا شاهد رکـي بهتان جـو بـارو.
رپـوٽـن ۾ ڪندا ريهون تـہ ٽيو بغداد آ بيحد،
هليو آ ڪيس ڪورٽ ۾ سچو هر طرف هڪ پارو.
خدا شل ڏئي پنهہ پوليس جي خوفن ۽ خطرن کان،
انهن جي دوستي آهي، ڪٺڻ سر تي ڪٺو کارو.
معافي ٿو گهُري "بلبل" جي آهي هن ۾ گستاخي،
اگرچہ مون لکيو آهي، سچو احـوال هـي سـارو!

## قصيدا

# حسنعلي افندي

اج مڪرّم حسنعلي آهي،
اج معظّم حسنعلي آهي.

اهل اسلام لاءِ، واھڙ، وِ ير،
دين جو دم، حسنعلي آهي.

آسمان اوج ۽ فضيلت جو،
روشن انجم، حسنعلي آهي.

صدر منجهہ سنڌ، نائبِ سلطان،
رڪن اعظم، حسنعلي آهي.

فيض ۽ علم خواهہ دانش ۾،
رشڪ قلزم، حسنعلي آهي.

قدردانيءَ ۽ ميهمانيءَ جو،
مرد منعم، حسنعلي آهي.

فيض ۽ بخت جي جبين روشن،
اسم ارقم، حسنعلي آهي.

دولتِ روم و سنڌ و هند اندر،
اج تہ اڪرم، حسنعلي آهي.

قوم جي زخم واسطي بيشڪ،
مثل مرهم، حسنعلي آهي.

روئي گل، فيض و لطف تي "بلبل"،
رونق و غم، حسنعلي آهي.

## خانبهادر سید الهندو شاه

ز گلشن فیض تو اي نو بهارم نو بهار آمد،
نسیم دلکشا بر درگهت بهر نثار آمد.

بحمد الله که شامل حال لطف کردگار آمد،
بشارت بر زیارت تو اشارت این دیار آمد.

نهال مال و اقبال و کمال اجلال تو قائم،
به بیخش شاخسار آمد به شاخش برگ و بار آمد.

بنام پاک سید میر آندل شاه هر کس را،
ز هي امن و امان آمد حصن آمد حصار آمد.

تو گشتي میر محفل آنریبل میمبر کونسل،
اهالي سنڌ را صد افتخار و صد وقار آمد.

به تعظیم و به تکریم و به اعزاز و به اکرامت،
مبارک در مبارک صد هزار اندر هزار آمد.

به اسم اعظم به جسم اکرم برادر زور باز و او،
انیس آمد جلیس آمد مجیر و مستجار آمد.

به جسم و جان و دل هر آرزومندي ز الطافت،
توان آمد روان آمد شکیب آمد قرار آمد.

به دل بحر و به کف ابرو به دم عیسیٰ و رخ انور،
عطا آمد سخا آمد شفا آمد چو یار آمد.

قضا تابع قلم طالع ملک خادم فلک مونس،
به نام آمد به کام آمد چو رام آمد چو یار آمد.

به ملک اندر به نظم اندر به رزم اندر به بزم اندر،
امیر آمد دبیر آمد نصیر آمد نگار آمد.

تنت سیما کفت دریا دست شافي دلت صافي،
به آب آمد به تاب آمد بدیع و بي غبار آمد.

ز انعامت ز انصافت، دعاگو عدل جویان هم،
صغار آمـد کبار آمـد، قطار اندر قطار آمد.

به اصلاحي به افلاحي به تعلیمي و تفهیمي،
نذیر آمـد بشیر آمـد قـوي داروسـدار آمد.

به حالِ زار قومِ ما، ز مردم اهل استغنا،
نه کس را انتظار آمد، نه جانش بیقرار آمد.

نه وصفِ فیض و فضل وجود بذلت در بیان گنجد،
نه آنـرا اختصار آمد، نـه این را اقتصار آمد.

## سردار محمد یعقوب سي.آء.اي.
## وزیر خیرپور میرس

بلبل کو سرِ مدح که هر بار هوا هے،
دیکـهـا تـو یـه سـردار سـزاوار ثنا هے،

جو کام هے ان کا وه بجز روئي ریا هے،
جتني که کهون ان کي مدح خوب روا هے،

بیان خوبي اوصاف کي کچھ حد نهین هے،
وه فرد هین ایسے که کوئي رد نهین هے.

هـیـن منتظمِ حـسـن تـدابـیـر سیاست،
هین عقده کشا، مـهـم امـورات ریاست،

نازنـده انهین سے هین فـن و فهم فراست،
بالنده انهین سے هین امن و عدل قیامت،

هے نسق عـیـان مملکت آباد هے ان سے،
هان رفق نهان هر کس دلشاد هے ان سے.

هے گرچه صدر اعظم ذي مرتبه سردار،
پر ان کو نهین کبر نه خود بیني نه پندار،

هر بات مین ان کا نهین ثاني کوئي سالار،
اقبال مین اجلال مین افضال مین زنهار؛

انصاف رواني کي یہ کمتر هے نشاني،
پیتا هے هرن شیر بهي اک گهاٹ پہ پاني.

وه مخزنِ الطاف و حیا صدق و صفا هین،
وه معدنِ اشفاق و رضا مهر و وفا هین،

وه بحرِ سخا، بذل نوا، جود عطا هین،
وه ابرِ کرم مهر ضیا ظلِ هما هین؛

کیا نام پیارا هے محمد مع یعقوب،
کیا خوب هے مرغوب هے محبوب هے مطلوب.

تدبیر مین ایسے هین کہ تسخیر جهان هو،
تحریر مین هر نکتۂ تنویر عیان هو،

تقریر مین هر پهلوئے تصویر بیان هو،
توقیر مین تطهیر مین تنظیر کهان هو؛

لو جامعِ حسنات هین سردار همارے،
اے سندھ مبارک هو یہ هین بخت همارے.

## دعانامہ بحضور خان بهادر محمد ابراهیم خان

سزا هے حمد بذاتِ جنابِ رب جلیل،
روا هے نعت بہ حضرت نبي کریم و جمیل.

بجا هے گر مین دعا و ثنا کرون اسکي،
کہ اک ریاستِ اسلامیہ کے هین جو کفیل.

وزیر دانشور بینظیر خوش تدبیر،
بلند همّت عالي نظر، امین و عقیل.

خدیو خان بهادر محمّد ابراهیم،
خلیل احمد و سردار صاحبِ تفضیل.

اگرچہ ابر چھپاتا ہے نـور سـورج کا،
مگر وہ اور چمکتا ہے با جزائے جزیل۔

ہوئے ہین دولت و نعمت کے گر بہت حساد،
تو بس کمال ترقي کي یہ قوي ہے دلیل۔

تـري محاسن کو دیکھہ دانشہ قـدرت،
لگا کي ٹیکہ نظر سے بچائي ہے چو سلیل۔

تمھارے نام مبارک کو کیسے آنچ لـگے،
کہ نار خود ہوئي گلزار و برد بہرِ خلیل۔

تمھارے یاور و ہمدم علي حسین و حسن،
تمھارا ناظر ہـر لحظہ مـهـبـطِ جبریل۔

تمھارے حامي ہین ہر بار چار یار کبار،
تمھارا حـافـظ ہـر آن مصحفِ تنزیل۔

جو تجھہ پہ وار کرے سر پہ اسکے ہو تلوار،
جو تجھہ کو تا کے اسي آنکھہ مین ہو خار مغیل۔

## قصیدہ بر تشریف آوردن حضور ہائینیس سر آغا خان بہادر

شـد از ورودِ شاہِ من مـژدہ مسرّت موجـزن،
از ہر مکان از ہر صحن، از ہر زبان از ہر دہن۔

عیش و نشاط و نازگي، سبـزي طـراوت تازگي،
در گلشن و در گلبن و در ہر دمن در ہر چمن۔

در صحن باغ و بوستان نـازان و خـنـدان شادمان،
ہـر سنبل و ہر سوسن و ہر نرگس و ہر نسترن۔

از جـلـوۂ تشریف شہہ در شـغـل شادي زمزمہ،
ہـر محفل و ہـر مجلس و ہـر مجمع و ہـر انجمن۔

ما راز نوري روی تو از بس سروري خوی تو،
سر بر فلک تن در طرب دل در فرح جان در جشن.

صد مرحبا صد مرحبا اي مالکِ مهر و وفا،
فخرِ جهان بدرِ زمین پیرِ زمان میرِ زمن.

شکر ست کز شرفِ قدم کردي کراچي چون ارم،
روشن ز تو عرب و عجم چین و حبش یورپ یمن.

انوارِ حق دیدار تو باعث یُمن دربار تو،
بي جستجو، بي گفتگو، بي کاست کم بیشکّ و ظن.

چون خضر کشتي رهنما، عیسيء دم و یوسف لقا،
راحت فزا، مشکلکشا، دافع عنا، رافع محن.

ظاهر ضیا، باطن صفا، شاهِ ولا، ماهِ هدا،
نور نبي، ابن علي، وارث ولایت پنجتن.

اي پیشوا اي مقتدا، از همتِ گردیده وا،
دارِ ولاِ کارِ هنر، انوار علم اسرار فن.

باطلوع در طینت طبع شد دین و دنیا مجتمع،
علم و عمل، عقل و ادب، حلم و حیا فهم و فطن.

از فیض احسانت عیان، با یک زبان اسلامیان،
هم معترف، هم معتقد، هم مطمئن هم مرتهن.

در بهتريِ قوم خود، هرگز نه با تو دم زنند،
هر معتبر، هر مقتدر، هر مدّعي هر لافزن.

سعی فراوان ساختي، پرداختي به نواختي،
باصد عطا، باصد سخا باصد نوا، باصد منن.

اي شاه من والاهمم، پیشت چه نذرانه نهم،
بهتر که سر قربان کنم، سازم فدا این جان و من.

در مدح تو رطب اللسان هم فاضلان هم شاعران،
"بلبل" بیان گوهر فشان، طوطي زبان، شکّر شکن.

# تاریخي مادا ۽ قطعا

## تاریخ وصال پرملال پیر روشن ضمیر
## حضرت خواجه پیر عبدالحلیم جان سرهندي

دریغا که آن خواجۀ حق پرست،
ز دارالفنا شد بدارالمقیم .
ز نقلش مریدان را سینه چاک،
ز مهرش دلِ دوستان شد دونیم .
ولیي خدا صاحبِ فیض بود،
براهِ هدا عام فیضش عمیم .
به علم و عمل شرع او مشتغل،
به زهد و ورع معرفت مستقیم .
یاحسرتا زین وقوع وداع،
ویا ویلتا ز انتقالِ الیم .
بتاریخ هفده محرّم حرام،
ز گلزار جنّت رسیدش نسیم .
بشد روز آدینه غفران مآب،
مشرّف لقای غفور الرّحیم .
ز هر مصرعِ ثاني سال فوت،
نماید کمالِ کلامِ کلیم .
سروشِ سخن سال وصلش بگفت:
که - شد راحتِ افزون به قلب سلیم .
هم ز آسمان بار آمد ندا،
سکانش امان دار جنّت نعیم .

۱۳۳۱ هـ

بحورانِ فردوس این قول بود،
ولي مرد قابل برحمت رحیم .

۱۳۳۱ هـ

حبیبِ خدا را به این شوق برد،
قضای به، وصلِ حبیبِ کریم.
۱۳۳۱ھ
ز روئي خرد هاتف سن گفت:
که گویا نهان ماند گنجِ عظیم.
۱۳۳۱ھ
بگو هم تو "بلبل" ز سالِ وفات،
فغفورِ ارم خواجه عبد الحلیم.
۱۳۳۱ھ

## تاریخ بنا و اتمام مسجد شریف شهر نصیر آباد ضلع لاڑکانه

ز آخوند صاحب محمد صدیق،
بنا گشت تعمیر خانهٔ خدا.
هم از دست صادق محمد نجار،
که بودند همراه پسرش دوتا.
یکي ز ان الهٰ بخش مرحوم بود،
بنامِ خدا کرد جان هم فدا.
دگر هست رمضان که این کار خیر،
یکم ماه رمضان نمود ابتدا.
اگر سال آغاز خواهي بدان،
که "شمس الفیوض" است سالِ بنا.
۱۳۲۷ھ
کرم بخش حاجي وریل ارّه کش،
نمودند درکار خود انتها.

ز احمد ز صدیق و عبد الله،
نگارش شد این نقش فرحت فزا.
ازین هر کسان تا ابد یاد ماند،
بنام بقا و بکام دعا.
در اتمام این صرف شد هفت سال،
بہ سازندگان خیر باشد جزا.
یکم ماہ ذوالحج اتمام یافت،
بہ نقش و نگار و بہ نشو و نما.
چو پرسیدم از سال اتمام او،
ز هجري "چراغِ فلک" شد ندا.

۱۳۳۴ھ

سنِ عیسوي گفت "بلبل" سروش،
کہ "کعبہء مکان خاص بیتِ خدا".

۱۹۱۶ع

مکرر بخوان طرفہ ترخوش شد هند،
چہ خوشتر ز هاتف رسید این صدا.
خدایا همین مسجد آباد باد،
بہ بانگ و صلواۃ و بذکر و ثنا.

## تاریخ وصال پرملال علامہ دهر فرید العصر مولوي میان محمد صاحب فقیه و مدرس هالا کهنہ

دریغا از وفاتِ حاج مغفور،
مثال آمد تو گوی نفخ في الصور.
ز هجرت او چراغِ فیض گل گشت،
ز رحلت او در آمد ظلمت از نور.

ازین واقع جدای عالم دین،
اهالي علم و عالم گشت رنجور.
میانجي مولوي حاجي محمدؐ،
ز دنیا رفت و علم دین شد دور.
ادیب و عالم و مشفق مدرّس،
فقیه و فاضل و فیاض مشهور.
محقق مفتي و ماهر مصنّف،
مجاهد متقي بر خیر ساسور.
ز هر تلمیذ عند الناس مشکور،
شد از تدریس عند الله ماجور.
بود اندوه هاله گرد هالا،
که چون رفت از میانش فیض گنجور.
چهارم مه ربیع الاخر آخر،
شب آدینه گشت آن ماه مهجور.
به سال وصل او "بلبل" چنین گفت،
شده زین بلده گنج علم مستور.
۱۳۳٦ھ
ز سال عیسوي گو بادل پاک،
که درّ بحر معنی باد مغفور.
۱۹۱۸ع

## تاریخ وفات سید میان قائم شاه صاحب مرحوم جاگیردار جهانگارا تعلقو سیوهڻ

آه آه از وقوعهٔ جانکاه، یعني از فوت آل دین پناه.
به شب آدینه مهه جماد اوّل، بیستم در خسوف شد آن ماه.

نونهالِ چمنِ نبي افسرده گلِ چراغِ علي بشد ناگاه.
واي آن نوجوان ز مرگ نمود، در نظر اهلِ ملک ملک سیاه.
مردمان را ز رحتاش ماتام، اقربا را ز فرقتش صد آه.
هاي گلزار خانه اش به خزان، گشت۔ جهانگارهم ز درد سیاه.
گل به "بلبل" بگفت سال وصال، "سیر جنت نصیب قائم شاه".

۱۳۳۲ھ

## تاريخ وفات وڏيره ميان امام بخش خان ٽيپو تعلقو سيهڙ

وزید باد فراق و رسید درد و عذاب،
ز انتقال وڏیره که بود از ارباب.

بتحملش چو فقیر و تجمّلش چو امیر،
به اوج همچو سماؤ به فوق همچو شهاب.

مدام ناز و نعم شد غلام بردر او،
همیشه جیش غلامان او بزیرِ رکاب.

ز همزمان اکابر معزز و ممتاز،
ز همقرآن عمائد، مرید شرف مآب.

به عقل و همت والا، ترزهم رفقا،
به بخت و دولت بالاتر ز همه اصحاب.

به شان شوکت ماند و به عیش و عشرت راند،
فشانده دست ز دنیا کشاد جنت ماب.

سوم ربیع الثاني بروزِ شنبه صبح،
که طئي نمود مراحل بسو ارم بشتاب.

به سال وصالش "بلبل" همین ندا آمد،
"ارم بباد بلادِ امام بخش نواب".

۱۳۳۰ھ

## تاریخ انتقال فخر قوم خانبهادر شیخ صادق علي صاحب سابق وزیر ریاست خیرپور

واجب آید تاکہ گرید خون زمین و آسمان،
بہر وفاتِ شیخ ابن الشیخ فیّاضِ زمان.

روز چون شب مے نماید در نظر روشندلان،
شور ماتم گشت برپا 'هائے هو' اندر جهان.

حق آن باشد کہ افتند آسمان بر رو زمین،
یا زمین از جوش شگفتد سوزد این دریا روان.

هند را بے دل نمود و سنده را بے سر گذاشت،
جود را بے جان نمود و بذل را بے خانمان.

اندرین ماتم کده شد هر کسے را دمبدم،
آه سوزان چشم گریان سینہ بریان دل طپان.

زیب دولت رفت گویا از ریاست خیرپور،
زینتِ دین رفت گویا از محافل مومنان.

هائے هائے آفتابِ علم آمد در کسوف،
ماهتابِ عقل آمد در خسوفِ جاودان.

مادرِ گیتي نزاید این چنین فرزند نیک،
دیدۀ دنیا نہ بیند مرد کامل آن چنان.

رفت از دنیا کہ در دنیا و دین بودش کمال،
در مروّت در حیا در حلم در نام و نشان.

حامیِ دین، فخرِ ملّت پیشوائي قوم بود،
بے تکلّف بے ریا و بے نمود و بے زیان.

نام او صادق علي، صادق بہ قول و فعل بود،
صاف نیت صاف دل صافي نهان صافي عیان.

واقفِ اطوار ورع و کاشفِ اسرار شرع،
لامعِ انوار فیض و زبدهٔ انصاریان.

سایهٔ الطاف او از ما جدا شد هاي هاي،
پایهٔ اقبال او برگشته شد از خانمان.

دوستان از غم فراقش سینهای دارند چاک،
دشمنان از هجرتش هم اشکبار و خونفشان.

از فراقش شد هنود و مومنانان در الم،
هرکسي را داغ بر دل آه و زاري بر زبان.

هاي هاي من چگویم وصف آن عالیجناب،
یک ازان هرگز نمي سنجد ترازوئي بیان.

در سفر لاهور ناگه باسفر عقبیٰ شتافت،
بر حدیثِ مصطفیٰ گردید ناجي بیگمان.

باوجود این بخت و دولت مال واقبال وعیال،
بر تقاضائي قضا چون رفت تنها بیکران.

مه جمادالاول و تاریخ غرّه وقت شب،
روز آدینه به عقبیٰ رفت و رست از این و آن.

سال فوتش جست "بلبل" هاتفم از غیب گفت،
"رفت هاي هم حلیم انسان و حاکم مهربان".

۱۳۳۰هـ

گفت سال وصل او هاتف که بي سروپا گذاشت،
علم وعمل و هنروعقل و بخت واثر و لطف شان.

ل م ن خ خ ث ط الف

۱۳۳۰هـ

باز سالِ فوت او پرسیدم از روح القدس،
زود گفتا: روح پاک شیخ را جنّت مکان.

۱۹۱۲ع

يا رب از من اين دعا در دوستان آمين باد،
قصر عالي جائگاهش باد در باغِ جنان.
واي بر جائي قصائد و مدح گفتم مرثيه،
باز از "بلبل" نه شنود كس نوائي داستان.

## تاريخ انتقال مرزا كلب علي بيگ
## ڊپٽي ڪليڪٽر حيدرآباد سنڌ

هي ز ما ميرزا چو گشت جدا، سانحهء كربلا بكرد بپا.
صورتِ يوسف و ملك سيرت، خوش روان خضر پئي خجسته لقا
نيكدل نيك كار نيك اطوار، فاضل و باذل و فياض و فتا
كار خيرش پديد در عالم، نام نيكش عزيز در دلها
ناگهان رفتنش كه واي حسرت، بيگمان رحلتش كه واويلا.
دولت اقبال تا به آخر دم، به ركابش دويدو بخت رسا.
آخرت جرعه ز موت چشيد، ارجعي از خدا شنيد ندا.
فكر "بلبل" چو كرد در تاريخ، از سروش فلك شد اين القا
سال فوتش بگو كه "جائي فلاح"، يافت كلبِ علي به شيرِ خدا.

۱۳۳     ۱۷۷۰ = ۹۰۳ع

## تاريخ وصال حضرت پير خواجه نظام الدين نقشبندي
## پاٽ شريف

هاي شد در جهان پريشاني، كه ز ما رفت هادي و باني.
پير ما خواجه نظام الدين، روئي پوشيد از جهان فاني.
مرشدِ ما ولي خضر لقب، در زمان بود غوث صمداني.
در شريعت چو شمس روشن بود، در طريقت به مثلِ همداني
در حقيقت چو بود حق آگاه، معرفت را نداشت پاياني.
بود عالم به علم و فقه و حديث، عارف آيات و نصّ قرآني.

یک شده ذکرو ذاکرو مذکور، "حسن عمل کمال ذاکر دان".
۱۳۲۵
عارفان سال رحلتش دانند، "برقعہ پوشید مستجب سجان".
۱۳۲۵
هم دران سال شد ز رو تاریخ، "مونس روضہ سایہء یزدان".
۱۳۲۵
سال اتمام وي ز "بلبل" دان، "کعبہء مکہ۔قبہء رضوان".
۱۳۲۵ھ

## اخبار آفتاب سنده

تاریخ اول در تقریب سال اول اخبار آفتاب سنده
کہ از هر مصرع سال نومبر ۱۹۲۰ع بر مے آید

سال نو آمد مبارک، بهر دیوان آفتاب،
جاہ 'احمد'، زیب ملت، زور اخوان آفتاب.

درج گوهر، علم و حکمت، برج اختر، پندو وعظ،
جان پرور، کان در، درس لقمان آفتاب.

در کشایش طبع و خواهش، عدل و آرایش جهان،
فرحت دل، جعد حکما، تاج سلطان آفتاب.

از سرور انشاء، نظارہ، ناظرین، باغ بیان،
بادہ گلگون، چشم نرگس، گل گلستان آفتاب.

باب حکمت، آب دانش، تاب مضمون پر بهار،
کان منطق، خط صلحا، زیب دامان آفتاب.

از برائے تنگ نظران، حال قوم تشنہ لب،
نور بینا، چشمہ فیضان، آب حیوان آفتاب.

بانوائے نغمہ "بلبل" حسن مطلب، قول صدق،
تاج هدهد، جان عالم، صبح خندان آفتاب.

از خیالِ لطفِ مئےِ شعر و سخن، شیرین بیان،
جام مئے نو، رزم شعراء، بزم رندان آفتاب.

در گروهِ همسران، باگوئي تحریرِ قلم،
صدر ارکان، تیز جولان، مرد میدان آفتاب.

مظهرِ عدل و سیاست، منظرِ احوال ملک،
دادگستر، کار فرمان جود احسان آفتاب.

واعظِ هر دل عزیز و ناصح مشفق شفیق،
سایۂ نور اهل ایمان، فیض یزدان آفتاب.

بر سرِ اعدائے دین، گرگ وسگ، روبه خصال،
ریگ سوزان، برق لمعان، شیر دوران آفتاب.

نزد اربابِ علوم و شهسوارانِ فنون،
هدیۂ معنیٔ، سیر بستان، عرصۂ چوگان آفتاب.

اسم دارد با مسمّيٰ، نور دارد در ظهور،
سعد کوکب، شمس عالم، مهر تابان آفتاب.

در فصاحت، در بلاغت، در هدایت، اهل دین،
بانگ طوطي، نالۂ "بلبل" باغ ایقان آفتاب.

---